# ديد جو درشن

[شاعري]

## زيب ڪنگو

روز تنهنجي ديد جو درشن ڪيان،
روز پنهنجي قلب کي روشن ڪيان.

سقلتا
پبليڪيشن حيدرآباد

sindhsalamat.com




books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب نمبر | : | 81 |
| ڪتاب جو نالو | : | ديد جو درشن |
| موضوع | : | شاعري (غزل) |
| شاعر | : | زيب ڪنگو |
| ڪمپوزنگ/لي آئوٽ | : | سڦلتا ڪمپوزرس |
| ٽائيٽل ڊزائين | : | سومل ڪنگو/باس ڪوريجو |
| سال/ ڇاپو | : | 2023ع آگسٽ/ پهريون |
| ڇپيندڙ | : | سڦلتا پبليڪيشن، حيدرآباد |

قيمت 400 روپيا

Dee’d Jo Darshan
(POETRY)
Poetry By: Zaib Kango
Year: 2023 August
Published by:
Safalta Publication Hyderabad




books.sindhsalamat.com

# ارپنا

## والدين جي نانءُ

جنهن پنهنجي سموري زندگي اسان جي خوشيءَ تي لاءِ وقف ڪئي،

جيون ساٿي جي نانءُ

جنهن کان سواءِ، هن عمر ۾ زندگيءَ جو پل پل گزارڻ مشڪل آهي.

**زيب ڪنگو**

sindhsalamat.com



## سٽاءُ


- اداريو 07
- زيبَ جي شاعريءَ ۾ زِندگيءَ جا تَخلِيقي رَنگَ معشوق محسن ابڙو 08
- غزل جو خوبصورت شاعر مفتون ڪورائي 17
- انڊلٺي رنگن جهڙو شاعر امداد سهتو 19
- سونهن ۽ سرهاڻ جا گل وکيريندڙ شاعر شهمير سومرو 21
- شاعر پاران زيب ڪنگو 23
- **شاعري** 25_172



sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# اداريو

ڪيترائي اهڙا ڪوي آهن جيڪي گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان ڪوتا جي ڪاڪ جا راڻا آهن. انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مقبول شاعر زيب ڪنگو بہ شامل آهي. آئون سمجهندو آهيان تہ شاعري شاعر جي مزاج ۾ شامل هوندي آهي تڏهن ئي هو ڪي خيالن جا پڪي اڏاري ۽ لاهي سگهندو آهي.

زيب ڪنگو جا سنڌي شاعري جي ڦلواڙي ۾ بہ ڦل اڳ ۾ ئي ٽڙي چڪا آهن. هن جي شاعريءَ ۾ جماليات، احساسايات، تخيل جي اوچي اڏام ۽ لفظيات جي هڪ نئين گهڙت آهي. جنهن سبب هُو پنهنجي ڪيتر کان وڏي ڪري بہ معروف آهي.

”ديد جو درشن“ مجموعي ۾ هن جا سمورا اسم غزل جي صنف سان لاڳاپيل آهن. سنڌي غزل جي آبياري ۾ جتي سنڌ جي سيني شاعرن جي حصداري آهي اتي زيب ڪنگي جو نالو بہ آهي. هن جي غزل جا عنوان/موضوع سادا هوندي بہ معنيٰ سان سرشار آهن جن ۾ ديس، ڌرتيءَ جي مارون سان گڏوگڏ اندر جي اڌمن ۽ محبوب جي نازن تي بہ نظر ڏري وئي آهي.

زيب ڪنگو پنهنجي شخص سڀاءَ ۾ ڏاڍو شائستہ ۽ شاندار قسم جو انسان آهي. هن جا پستڪ احساس جون ڪتڪتايون 2003ع، خواب رقص ۾ 2020 ع ۽ هاڻ ديد جو درشن 2023ع شاعري جي تاريخ جي ڪتاب تي هميشہ نشانبر رهندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زيبَ جي شاعريءَ ۾ زِندگيءَ جا تَخلِيقي رَنگَ

ڪنهن بہ شاعِرَ جي شاعريءَ تي لِکڻ ايترو اوکو ڪَم آهي جيترو سُمنڊَ جي گهرائيءَ کي ماپڻ يا اُن جي تَري تائين پُهچي ذَري ذَري بابَت معلومات جا موتي ميڙڻ. ڇو تہ ڪو بہ تَخلِيقڪار بنا تَڪلِيفَ ۽ تَفتِيشَ جي ڪو شعر تَخليق نہ ٿو ڪري سَگهي. هر تَخليقَ جي تَعمِيرَ ۽ تَعبِيرَ جي پُٺيان تَڪلِيفَ جا طُوفانَ، اُڌما ۽ آرمانَ ضرور هوندا آهن. هر سِرجَڻهارَ جي سيني جي صَندوقَ ۾ سَوين سوچُن جا سامانَ سَٿيل هوندا آهن. ڇو تہ هن سَماجَ ۾ سوچُن، سُورَن، پُورَن ۽ ڪُورَن کان خالي ڪيرُ بہ ڪونهي. ڪو گهٽ تہ ڪو وَڌ، پَرَ سُورن ۾ سوگهو سَيڪو آهي. هَر دورَ ۾ ڏاهَپَ جي ڏِيلَ کي ڏُکَ ۽ ڏَنيَ ڏِنا ويا آهن. هونئن بہ شاعِرَ، اَدِيبَ ۽ ليکَڪَ حَساس هوندا آهن جيڪي معاشري ۾ ٿيندڙ ظُلمن، زِيادتين، آڻ وَٽندڙ رَوَيَن، رِيتُن ۽ رَسمن کي روڪڻ لاءِ پنهنجي جاکوڙَ ۽ جَنگُ جاري ۽ ساري رکندا رهندا آهن. اُها جَنگ تِيرن ۽ تَلوارن بَدران تَحرِيرن، تَقرِيرن، تَخلِيقن ۽ تَنقيدن جي رُوپَ ۾ نِڪري نِروار ٿيندي آهي. آصل اِنسانيت بہ اِن ۾ آهي تہ ڪنهن جي دِل دُکياري نہ ڪجي جيڪڏهن ڪير ڪنهن سان ڪُڏائِي ڪري ٿو تہ ان کي روڪجي اگر روڪڻ جو سَتُ ساري نہ سگهجي تہ ان کي بُرو عَمل سَمجهي بَغاوَتَ ڪجي ۽ حق جي حِمايَتَ ڪجي. شاعري شُعورَ مان ڦُٽي نِڪري ٿي. جنهن جي ڪا بہ هڪ مخصوص شاخ ناهي، بلڪِ ان جون آڻَ ڳَٽيون ۽ آڻَ ڪُٿ شاهراهون آهن. جن تي هلندي ڪيترائي شاعِرَ طَبع آزمائي ڪري چُڪا آهن ۽ ڪن جو شاعراڻو سَفر آجا تائين پنهنجي مَنزل ڏانهن رَوان دَوان آهي. شاعريءَ



books.sindhsalamat.com

بابت هن وقت تائين ڪيترن ئي ماهرن جا مُختلف ۽ مُنفرد رايا اچي چُڪا آهن تنهن هوندي بہ ڪا هڪ وَصف مُقرر ٿي ناهي سَگهِي. جنهن جي وَضاحَتَ ڪجي. جيئن شاعِرَ ۽ شاعريءَ بابت قمر شهباز لکي ٿو تہ:

”لفظَ اِنسانن جِيان هوندا آهن. کِلندا آهن، روئندا آهن، مُرڪَندا آهن، ڪُرڪَندا آهن، سوچِيندا ۽ لوچيندا آهن، رُسندا ۽ پَرچندا آهن، آگها ۽ عَليل ٿيندا آهن، ۽ ڪن حالتن ۾ مَري کَپي صفحہِ هَستيءَ تان بہ مٽجي ويندا آهن. شاعرُ انهن کِلندڙ، ڪُڏندڙ، روئندڙ ۽ سُڏڪندڙ، شَرمائيندڙ، لَڄائيندڙ لفظن کي پنيوريءَ جيان ڄاريءَ ۾ ڦاسائي، هَٿ وَس ڪندو آهي.“ شاعريءَ کي جنهن جيئن پڙهيو ۽ پرجهيو آهي تنهن تيئن پنهنجن خيالن جو اِظهارُ ڪيو آهي. ڪن فَنَ ۽ فِڪرَ جي حَسِين ميلاپَ کي شاعري ڪوٺيو آهي تہ ڪن وَرِي رِدَم ۽ رَوانيءَ جي رنگارنگي قوس ۽ قُزح کي شاعريءَ جو نانءُ ڏنو آهي. هاڻي آچو تہ زيبُ ڪَنگي جي ڪَوِتا نَنگَر ڏانهن نَظر ڦيرايون. جنهن رَنڊا رَوڙي، لَوچي ۽ لَوڙي، لَفظَ چُونڊي، جُملا جَوڙي، تَڪي ۽ تَوري هڙو خُوبصُورَت گُلدَستو تيار ڪيو آهي. سَندس اِتهاسَ/ احساسَ جي آڪاسَ ۾ ٻاروتڻ جون ٻوليون، لُڙڪَ، ٺهڪَ، لوليون، سنڌوءَ جون ڇوليون، پنهنجن لاءِ پيارَ پَريا گِيتَ ۽ غيرن لاءِ گوليون وغيره جهڙا تَخليقِي، تاريخِي، جَمالياتِي، مَزاحمتِي ۽ ثَقافَتِي سِتارا جَرڪندي نَظر آچن ٿا.

پنهنجي گهر جو نشان ڳوليان ٿو،
هڪ نئون آسمان ڳوليان ٿو.
روح بي چين کي ڪيان ڪاڏي؟
زندگيءَ لئہ مکان ڳوليان ٿو. (زيب ڪنگو)



sindhsalamat.com

زيبُ ڪَنگي جي ذاتي زندگي بظاهر پلي ٿَڻَ ٿانگرَ سان ٽَهيل ٽُڪيل چونه گُذرندي هجي پَرَ سَندس آندر ۾ هِڪُ اهڙو شاعِرُ ويٺل آهي جنهن جا جَذبا تہ جوان ۽ گَرم آهن پر سندس دِل نازِڪ ۽ نَرم آهي. جيڪا پَرائِي پِيڙاءَ کي بہ بَردا شت ناهي ڪري سَگهندي. ڪنهن غَريبَ کي غَمَ ۾ ڏسِي، ڪنهن مَزدورَ کي مَجبُورُ ڏسِي، ڪنهن بُکاري کي ڏُکارو ڏسِي، پنهنجي ديسَ تي ڌارين جا ڌَڙَ ڏسِي زيبَ جي ”ذهن ۽ ضمير کي سُيون لڳن ٿيون“ سندس زبان جِي زَمينَ تي بي اختيار هيٺين سِٽن جا سَلا سِرجَڻ لڳن ٿا:

**لڙهي لڙهي جي پگا ڪراچي،**
**اتي بہ غيرن ڪيون الارون.**
**هتن سان سنڌڙي ڪئي حوالي،**
**سڌيون تڪيون تن مٿان ترارون.**

زيبَ ڪَنگي جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي اهڙا خوبصورت خيالَ ملن ٿا. جيڪي روايتي رَنگن سان گڏوگڏ جِدتَ جي جَلوَن جي جَوتِ جاڳائين ٿا. گهڻي ڀاڱي سَندس شاعريءَ جي شَهرَ ۾ ”زندگيءَ“ جو موضوعِ اُن اجنبيءَ جيان لڳي ٿو. جيڪو پنهنجن جي پيارَ کان پَرانهين پَنڌ تي، پنهنجي ديسَ کان دُورُ رَهِي ڪنهن وچايل خوشيءَ جي کوجنا ۾ هر گهڙي حيرانُ ۽ سَرِگَردانُ رهندو هُجي. نہ رُڳو زيبَ جي ”زندگي“ بلڪِ ”عاشقي“ بہ قافيي وانگي سندس زندگيءَ سان سَلهاڙيل رهي ٿي. سندس تخليقي باغيچي ۾ اُن عاشقيءَ ۽ زندگيءَ جا پوپٽَن جي پَرن جهڙا مَنظرَ مَنَ کي موهي وِجهن ٿا. ائين ڪٿي چئجي تہ ”زيبَ جي شاعريءَ ۾ زِندگيءَ جا تَخلِيقي رَنگَ“ منفرد آهن، جنهن جا ڪُجه مِثالَ هيٺ پيش ڪجن ٿا:


books.sindhsalamat.com

**روپ ڏس ڪيڏا مٽي ٿي زندگي،**
**زندگيءَ کي ئي ڪٽي ٿي زندگي.**

**عاشقيءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا،**
**زندگيءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا.**

**همسفر ٿي زيب سان گڏ ٿي رلي،**
**زندگي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي!**

**زندگيءَ جي ليڪ ڪائي سُوسِ ٿي،**
**روز جنهن کي غم ڪٽيندو ٿو وڃي.**

**هر خوشي حادثن ۾ گذاري ڇڏي،**
**زندگي فاصلن ۾ گذاري ڇڏي!**

زيبَ جا ايترا شعر هِڪڙي ئي ”زندگيءَ“ جي مَوضُوعَ تي پڙهڻ کانپوءِ پُورُو پَتو پوي ٿو تہ ڪيس زندگي ڏاڍي پياري آهي ۽ سندس اُها زندگي ڪنهن سَهاري کان سواءِ اَڌُورِي ۽ اَڌُورُي آهي. انهن سڀني حالتن ۽ حادثن کي زيبَ زيبائتي ۽ اَثرائتي انداز ۾ بيانُ ڪيو آهي. هونئن بہ هڪڙي زيبَ نہ پر سَڀني شاعرن ٿورو ٿَڪو زندگيءَ جو ذِڪر ضرور ڪيو آهي. جنهن جو حاصل مقصد بُخاريءَ جي هِنن ٻِن سِٽن مان پَڌِڪي رهيو آهي:

**زندگيءَ تي ناهي ڪوئي ڀروسو!**
**حُسن کي پوڄي وٺو پوڄي وٺو!**


sindhsalamat.com

اِها بہ هِڪَ اَٽل حَقِيقَتَ آهي تہ ساهَ تي ويساهُ ڪوبہ ڪونهي! پر هِن سُونهن پريي سَنسارَ ۾ پيلا فِطرتَ جا فَرحتَ بخش آثارَ ڪنهن کي ڪونہ وڻندا؟ پيلي سُونهنءَ کي سَجدا بہ ڪَجن، حُسنَ جا هُڳاءُ بہ وَنجن ۽ چَپَن تي چُمين جا چِٽَ بہ چِٽجن پر ان کان وڌيڪ ڪارائتو ڪم اهو آهي تہ جيڪو پنهنجي وَطن سان وَفا جا وَچَن وَرجائي ٿو تہ اُهو اِنسانُ بہ آمَر ٿي وڃي ٿو ۽ زندگيءَ جو سَجايو سَفر ٿي وڃي ٿو. زيبُ ڪَنگو بہ پنهنجي ڌرتيءَ سان اُنسيت جو اِظهارُ هن طرح ڪري ٿو:

**سنڌڙي تنهنجا گيت لکان مان،**
**”زيبَ“ اهو ڪم ڪار وٽي ٿو.**
**ڌرتيءَ سان آ پيار پراڻو،**
**سونهن پريو سنسارُ وٽي ٿو.**

مٿي ڏنل شعرن ۾ سائين زيبَ سِنڌ جي سُونهنءَ سوڀيا جي ساراهہ ڪئي آهي. اُها ساوڪَ ۽ سُندرتا ساهَن کي سُرهاڻ سَونپي ٿي. جنهن ۾ وَڻَ ٽڻ، ٻارا ٻَنيون، واهڻ وَستيون، باغَ ٻَستيون ۽ مهراڻ جون موجون ۽ مَستيون بہ پَل پَل پَسڻ وٽان آهن. اهوئي تہ ڌرتيءَ جو حقيقي حُسنُ آهي سچ پچ تہ ڪائنات جي ڪُل خوشبوئن کان پنهنجي مُلڪَ جِي مِٽيءَ جي مهڪَ مُقَدس لڳندي آهي. جڏهن ڪنوٽيون ڪيلَ ڪنديون آهن، بادل پيرجِي ايندا آهن، وسڪاري جي ويلَ، محبت جا ميلَ مَچندا آهن، ٽَڪَل ٽَرِي ٽڏڪارَ تي ٽانيڪا ٽِي ٽَڪَ پَچندا آهن، ڪارُونجهَرَ جي ڪورَ تي ڍيلون ڊُڪنديون ۽ مورَ نچندا آهن. منهنجي نَظرَ ۾ اِن حُسنَ کان وڌيڪ پيو آهڙو حُسنُ ڪِٿي بہ نہ هوندو. اهوئي سَببُ آهي جيڪو ڪنهن شاعر يا ليکڪَ کان قَلم ڪٽائي قُربَ جي قِرطاسَ تي فَنَ ۽ فِڪرَ جي اهڙي حَسِينُ فَراسِي/فَرهَنگ تيار ڪرائي ٿو. جنهن کي پَڙهڻ/ڏِسڻ لاءِ ڏورانهين ڏيهَ


books.sindhsalamat.com

جا ڏاها ڏات ڏٺي بہ ڏاڍا آتا هوندا آهن. زيب سائينءَ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪندي خبر پوي ٿي تہ منجهس تَشبيهون، تَرڪيبون، تَجنِيسون، تَمثيلون، اِستعارا، اصطلاحَ، مُحاورا، ڪِنايا ۽ صَنعتون تمام ٿوري مقدارَ ۾ مُستعمل ملن ٿيون. طَرحي غزلن سَميت سَلاسَتَ جي صَحن تي ڪيترائي نڪور تخيّل جا تجلا پاڻ ڏانهن مُتوجه ڪن ٿا. جيئن سندس ڪُجه سِٽون آهن تہ:

**فاصلن جا پر ڪٽي ڇڏجن،**
**هجر جا هي در لٽي ڇڏجن.**
**باغ سي ويران ٿي ويندا،**
**جي چمن مان گل پٽي ڇڏجن.**

اِفلاسَ جي آکين ۾ هميشہ آلاڻ ۽ اُداسيءَ جو اَڻ کُٽ عالَم رهيو آهي. شيشن جي محل جا شوقَ شَبابَ ۽ شَرابَ کي پنهنجو شانُ مانُ سمجهندا آهن. جن جا جانورَ بہ طَرح طَرح جا طعامَ طلبيندا هُجن. اُنهن کي ٻُکَ جهڙي ٻُڇڙي بيماريءَ ۽ بيقراريءَ جي کهڙي ڪَلَ؟ غُربتَ جا گهاوَ گولين جي گهاوَن کان گهرا ٿيندا آهن. زيب سائين اُن جي عڪاسي هن ريت ڪئي آهي تہ:

**ويو پيار وسري تہ انسان کان اچ،**
**ڳيي لئہ برو حال آ آدميءَ جو!**

نادارَ جي نيڻَن ۾ جيڪا نِمَرتا ۽ نِماڻائي هوندي آهي، اُن درد کي ڪو همدرد ئي سمجهي سگهي ٿو. ڇوتہ ”ڳيي جي ڳولا“ بہ اُن ساهَ کي ئي هوندي آهي جيڪو پگهر وهائي پورهيو ڪري، پَٿَرَ ڪُٽي پَرَ پوءِ بہ پيٽَ پُورتَ نہ ڪري سگهي! ٻُکايل ٻَچن کي دال مانيءَ جا دِلاسَا ڏئي ڏُتاري سُمهاري ڇڏي! اُف اهو ڪيڏو تہ اذيتناڪ منظر هوندو! زيبُ


sindhsalamat.com

ڪَنگي جي شعرن جي انفراديت اِها آهي تہ اُنهن ۾ احساسن، اُمنگن، انقلابن ۽ آدرشن جي سُندر سَنگَم کي انمول آرٽ سان لَفظن جي مُصوريءَ ۽ موسيقيءَ جو روپُ ڏنو ويو آهي. جَذبن سان جوڙيل دِل جو دَنبورو جڏهن دَرد ڀريو آوازُ ڪڍندو آهي تہ اُن سوز ڀريي سازَ تي روحَ بہ رقص ڪرڻ لڳندا آهن ۽ چوندا آهن:

رات سموري ڳوڙهن هاڻا،
سُڏڪن منهنجا هنڌ وهاڻا.
ڪولي ٻانهون ٻاڪارن ٿا،
منهنجي در جا تاڪَ پراڻا.

زيب ڪنگي جي هِن شعري مجموعي ۾ حقيقت شناسي بہ آهي تہ سماجَ جي عَڪاسي بہ آهي. زماني جي تَلخ تَجربن سان گڏوگڏ روشن خيالي ۽ خوشحاليءَ جي تصويرڪشي انوکي اندازَ ۾ ڪئي وئي آهي. عِشقَ جي اُساتَ جي اُڀتار بہ وٽندڙ ڪئي اٿس. ڀاڻ ڪِٿي پيارَ کي پيڙائن جو پيچرو چوي تہ ڪٿي وري فراقي ڦَٽن تي پيارُ کي ڀَها سمجهي ٿو.

ڪاوَنِ جو جڻ رستو آهي.
پيار ڪٿي ڏَسِ سستو آهي؟

واقعي اهو بہ هڪ ڪَڙو سچُ آهي تہ ڪن لاءِ پيارُ پاپ جهڙو ۽ ڪن لاءِ وري پيارُ پاڪيزگيءَ جي پاسداري آهي. شاعِرَ ۽ اديبَ کي گهرجي تہ پنهنجي دور ۾ شاعريءَ وسيلي ڪا اُٿل پُٿل پيدا ڪري، ڪو تحرڪ آڻي، مُتحرڪ ڪردار ئي مشعلِ راهہ بڻبا آهن. دقيانوسي دور جي ڳِٺل ڀيٺل خيالن کي دفنائي، نئين سِج نوان خيال اپنائڻ گهرجن، وقتَ جي وَهڪري سان گڏ پنهنجي رَفتارَ ۽ گُفتارَ کي بہ تيز ڪرڻ سان تخليقيت



books.sindhsalamat.com

کي دَوام ملي ٿو. رڳو روايتَ جي راهَ تي ريڙهيون پائڻ ۽ عَروضَ جي آنگاسَ تي آٽڪي بيهڻ وارن لاءِ گهڻو وقت اڳي شيخ اياز لکيو هو تہ:

هُو ڪري ٿو ڏينهن رات، فاعلاتن فاعلات!

منهنجي مُطالعي ۽ مُشاهدي مُطابق زيبُ ڪَنگو روايتَ جي رَفاقَتَ ۽ رياضَتَ کي پَڪڙي جِدّتَ جي جوڀن کي ماڻي رهيو آهي. اُن جو ثبوت سندس هي سِٽون آهن:

سونهن پنهنجي ڪجهہ تہ ڏي خيرات ۾،
مان اڪيون آيس ڪٽي ڪستا ڪري!
مُرڪ ۾ خنجر هئا معلوم هو،
تو مڪا مون لاءِ گلدستا ڪري!

شاعريءَ جي دُنيا ۾ ”زيب ڪنگو“ ڪو نئون نالو ناهي، ڀاڻ ڳچ عرصي کان لکندو ٿو اچي سندس شاعريءَ جو هي ٽيون ڪِتابُ آهي. هن ڪتاب کي غزلن جو گُلدستو چئي سگهجي ٿو. سندس پسنديده صنف بہ غزل آهي. هونئن تہ ڀاڻ ڪيترين ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪري چُڪو آهي. ٻي وڏي ڳاله اها آهي ڀاڻ في البديه شاعر آهي. فيس بوڪ جي دنيا ۾ طرحي مُشاعرن ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهي ٿو. فَنُ ۽ فِڪرُ ائين سمجهو هڪ سِڪي جا ٻہ پاسا آهن يا هڪ گاڏيءَ جا ٻہ ڦيٿا آهن. جيڪڏهن ڦيٿا صحيح نموني ڦِرڻ جهڙا نہ هوندا تہ پوءِ ڪنهن بہ وقت گاڏيءَ جي ڪِرڻ جو آنديشو رهندو آهي. ائين ئي شاعريءَ ۾ فَنُ ۽ فِڪرَ جو امتزاجُ دُرست نہ هوندو تہ پوءِ اُها شاعري صرف وقت جو زيانُ ئي سمجهبي. ٻِلي منجهس تُڪبندي ۽ عروضي پابندي بہ هجي پر خيال جي خوبصورتيءَ کانسواءِ بلڪل ناڪاره ۽ نابود آهي. سائين زيب ڪَنگو جي شاعريءَ ۾ فَنَ بہ آهي تہ فِڪرُ بہ! مزيد مُنحَصر آهي پَڙهندڙن ۽ پارکُن تي اُهي کهڙي راءِ قائم



sindhsalamat.com

ڪن ٿا!؟ آخر ۾ آئون اِهائي اميد رکان ٿو تہ سندس هي شعري مجموعو "ديد جو درشن" سنڌي ادب ۾ ڪافي جاءِ والاريندو ۽ ڀرپور مڃتا ماڻيندو.

**معشوق محسن ابڙو**

اربع، 26 جولاءِ 2023ع



## غزل جو خوبصورت تخليق ڪار

غزل جهڙي حساس ۽ نفيس صنف تي ڪامياب طبع آزمائي جي حوالي سان سنڌ جي بيحد سريلي ۽ سيبتي شاعر زيب ڪنگو جو نالو بهترين تخليقڪارن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. زيب سائين جا غزل فني ۽ فڪري لوازمات سان ڀرپور غزل آهن، هن پنهنجي غزل ۾ هر نوعيت جي موضوع کي جڳه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ هن گهڻي حد تائين سوڀ پڻ ماڻي ورتي آهي. غزل جي صنف ٿورڙن ڪلاڪارن کي پنهنجو ڪري پختگيءَ جي درجي تائين پهچائيندي رهي آهي، زيب بہ انهن ڪِوتاڪارن مان هڪ آهي جن کي غزل جي صنف مڪمل طرح سان پنهنجو ڪري چڪي آهي. اهو ئي سبب آهي جو زيب غزل جي حوالي سان پنهنجي مخصوص سڃاڻپ ناهي چڪو آهي. زيب جي غزل کي غور سان پڙهبو ته ان ۾ وڻندڙ داخلي ۽ خارجي متن جي ڪوٽ ڪٿي بہ نظر نہ ايندي، زيب پنهنجي هر منظوم سٽاءُ ۾ تبديليءَ جا ڀرپور تخليقي اهڃاڻ ڪٽي اڳتي وڌندي نظر اچي ٿو، زيب روايتي تخليقي ماحول ۽ آروايتي تخليقي فضا کي پاڻ ۾ ضم ڪري هڪ نئين تخليقي موسم برپا ڪندڙ شاعر آهي، زيب ذهني آزاديءَ ۾ يقين رکندڙ ذات ڏٺي آهي، زيب جا گهڻا تڻا غزل معنائن جي وسعت جا پوئلڳ، تشبيهن ۽ استعارن جا پيروڪار، خوبصورت قافين ۽ سهڻن رديفن جا رهاڪو، ڀرپور معنيٰ ۽ مقصد جا متلاشي رهيا آهن. زيب جا ڏارئي اثرات جي قبوليت ڪان آجا غزل نج پنهنجا پنهنجا ۽ الڳ ٿلڳ اسلوب وارا غزل آهن، زيب جي غزل جو اندروني ماحول توڙي ٻاهرين رنگت فطرت سان هم آهنگ ۽ اجائي

پرمار کان لاتعلقي واري دائري ۾ اچي وڃي ٿو . زيب جِي غزل سان مشروط تخليقي وابستگي ئي زيب کي غزل جي بهترين شاعر ڏانهن وٺي ويندڙ وابستگي آهي، زيب جي غزل سان ان حد تائين ويجهڙائپ کي زيب جو غزل سان عشق ئي چئي سگهجي ٿو، دعا آهي ته٥ شال زيب جو سنڌي شاعريءَ جي هر صنف سان اهو قرب تاحيات قائم رهي .

**مفتون ڪورائي**

ميرپور ماٿيلو

4آگسٽ 2023



books.sindhsalamat.com

## انڊلٺي رنگن جهڙو شاعر ـ زيب ڪنگو

شمشير الحيدريءَ پنهنجي ڪتاب آزاد نظم جي اوسر ۾ لکيو آهي ته: ”لفظ شين جون علامتون آهن، اصل شيءِ نه آهن. شين کي اکين ذريعي ڏسي ته سگهجي ٿو پر جذبا، خيال، جن جي مادي شڪل ناهي، انهن کي نه ڏسي سگهجي ٿو نه ئي ڏيکاري سگهجي ٿو. هڪ شاعر ئي آهي جيڪو لفظن ذريعي انهن کي احساس جا خاڪا جوڙي، ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.“

اهڙن شاعرن مان هڪ شاعر زيب ڪنگو به آهي جيڪو پنهنجي شاعريءَ ۾ لفظن جي سونهن، ترتيب ۽ توازن آڏي دنيا ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. سنڌس شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي جڳهين تي اکين سان عڪس ڏسڻ کان علاوه حواسن کي به استعمال ڪيو آهي. سنڌس شاعريءَ ۾ جتي رومانس جهلڪي ٿو، اتي عام ماڻهوءَ جو درد ۽ حب الوطني به شامل آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سپ رنگ ميڙي انڊلٺ جو روپ ڏنو آهي. هن وٽ سوچڻ، محسوس ڪرڻ ۽ اظهار ڪرڻ جو ڏانءُ پرهه جي پنڇين جيان ولر ڪري ايندو آهي ۽ سنڌس شاعريءَ ۾ سورج جيان نروار ٿي بيهندو آهي. زيب ڪنگو جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو استعمال ڪنهن سوناري جي ٻُهن تي چلائيءَ جيان مهارت سان ٿيل آهي ۽ انهيءَ سنڌس شاعريءَ کي امرتا ڏني آهي. هن وٽ لفظن جو ڪو اهڙو خزانو موجود آهي جنهن ڪيس هماليه جبل وانگر هڪ الڳ ٿلڳ شناخت ڏني آهي. جيئن سنڌس هڪ غزل جا ڪجه بند آهن:

روپ ڏس ڪيڏا مَٽي ٿي زندگي،
زندگيءَ کي ئي ڪٽي ٿي زندگي.



sindhsalamat.com

ڳالهه دل جي مختصر آهي ڪبي،
ڪا خبر هيءَ ڪٿ ڪُٽي ٿي زندگي.

همسفر سان شل رهي هلندو سفر.
روز سوچي گڏ هلي ٿي زندگي.

زيب ڪنگوءَ جي زندگي مختلف رنگن سان سنواريل آهي جنهن جي من ۾ محبت جا مڻ موجود آهن. زيب جي شاعريءَ ۾ وصل جون واتون، وڇوڙي جا ورلاپ، ميلا ۽ ميلاپ ۽ ٻيا به انيڪ پاسا نظر اچن ٿا. سندس هيٺيان شعر ان جو چٽو عڪس آهن:

وڇوڙو پيو ٿو اسان کي جياري،
چون ٿا زهر کي زهر ئي ٿو ماري.

شفا مون کي ڏيندو هي ديدار تنهنجو،
مريضن کي پنهنجو وجو مک ڏيکاري.

زيب ڪنگو محبوب جي مک جي ديدار کي پنهنجي درد دل جي دوا سمجهي ٿو. سندس شاعراڻي اک اهڙا منظر پسي ٿي جيڪي منظر عام اک ڏسي نه ٿي سگهي. اسان جي به اها دعا آهي ته شال! سندس هي شعري مجموعو ادبي ميدان ۾ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

**امداد سهتو**
اسلام آباد



# سونهن ۽ سرهاڻ جا گل وکيريندڙ شاعر

زيب ڪنگو جي شاعري جون پاڙون،
وڏي عرصي کان زرخير زمين ۾ ڪتل آهين.

سندس شاعريءَ جي وڻ ۾ شروعاتي دور کان نڪور ٽاريون، سونهن ۽ سرهاڻ جا خوبصورت گل پڻ ٽڙندا رهيا آهن جنهن جي خوشبوءِ پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري موهي وجهي ٿي، پر پنهنجي گهڻي مصروفيت هئڻ ڪري ادبي ميدان ۾ شايد شاعريءَ کي ان پروان تي پهچائي نه سگهيو هئو جنهن تي هجڻ گهرجيس هان پر تنهن هوندي به هن جي شاعريءَ کي ڪيترائي فنڪار دوست سهڻي آواز سان ڳائي سجائي عوام تائين ڪلام پهچائيندا رهيا آهن. انهن مان ڪافي ڪلام اڄ کان ٽيهه پنجٽيهه سال اول پنهنجي مڃتا ماڻي چڪا آهن.

پراجان به وقت بوقت محبوب جي نازن نخرن، رنج رسامن، پيار پريت، ڌرتيءَ سان نينهن، مسئلن جي مينهن توڙي زندگيءَ سان لاڳاپيل معاملن جي نشاندهي، دردن ۽ پيڙائن جو نچوڙ، سچ جي ساراهه ۽ ڪوڙ کي ڌوڙ پنهنجي ذات ۽ ڏانوَ سان ليڪ وجهندو آيو آهي. مون ڏٺو آهي ته جڏهن کان هو نوڪري جي خفن کان آجو ٿي خيالن جي خلائن مان بهترين اسپيڊ سان موتين جهڙا لفظ چونڊي ڪاغذ جي سيني تي شاعريءَ جون ستون سموئي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري ٿو ته ائين لڳي ٿو جڻ شاعريءَ جي جواني اجان هاڻي آئي اٿس.

مون کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي ته منهنجي رهنمائي هيٺ زيب

ڪنگو جي شاعريءَ جو هي ٽيون ڪتاب ٿوري عرصي ۾ مڪمل ٿي اسان جي هٿن جو معراج ماڻي رهيو آهي،

آئون سمجهان ٿو تہ هي مجموعو اڳين ڪتابن کان مختلف، فني ۽ فڪري حوالي سان هڪ مظبوط مجموعو آهي، جيڪو هڪ دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.

**شهمير سومرو**

لاڙڪاڻو

2023/8/17



books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

## دل جي ڪيفيت ۽ شاعري

انساني ذهن جي تهخاني ۾ رب سائين ڪيئي خزانا پوري ڇڏيا آهن اهو انسان تي منحصر آهي تہ ان کي ڪيئن استعمال ڪري، انسان جو سوچون ئي انسان جي شخصيت جي تعمير ڪن ٿيون، زندگي گذرندي ٿي وڃي پر حالات هڪ جهڙا نہ ٿا رهن، حالات بہ انسان جي سوچن جو رخ مٽائي ڇڏن ٿا، اها ئي سوچ منهنجي ذهن جي حالات جي پئداور آهي، مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪو نہ سوچيو هيو تہ مان شعر لکان پر لا شعوري طور وينې وينې ڪجهہ نہ ڪجهہ لکي وٺندو هوس، جيڪا نہ تہ ڪا شاعري هئي نہ وري ڪا ڪهاڻي، زندگي پنهنجي رستي تي روان دوان رهي ، جڏهن ڪوئي ڏک ملندو هو سوچن ۾ طوفان اچي ويندو هو، پو اهي جذبات پني تي اتاري ڇڏيندو هوس، جيڪي ڪجهہ لکيو دوستن سان شيئر ڪيو جن منهنجي حوصلا افزائي ڪئي اهڙي طرح مون پهريون پيرو پاراٽي وهي ۾ ڪهاڻي لکي جيڪا گل ڦل رسالي ۾ ڇپي، ڪهاڻي جي ڇپجڻ جي بي انتها خوشي ٿي جنهن منهنجي سوچ کي شوق ۾ بدلائي ڇڏيو، زندگي گذرندي رهي دل جو ڳالهيون قلم جي مدد سان پني تي ڪرنديون رهيون، اهڙي طرح مان شاعري جو ڪتاب "احساس جون ڪتڪتايون،" اوهان دوستن جي آڏو پيش ڪيو اوهان جي طرفان ڀرپور مان مليون، جيئن تہ زندگي جي گاڏو پيي هلائڻو هوندو آهي، وقت جي تنگي شاعري جي شوق ۾ وڏي رڪاوٽ هئي جنهن ڪري ادبي سرگرمين کي وقت ڪون ڏئي سگهيس، پر خواهشون پنهنجي جڳہ تي دل جي اندر اپرنديون رهيون،ان دوران هڪ ٻيو شاعري جو مجموعو "خواب رقص ۾"



sindhsalamat.com

اوهان دوستن تائين پهچايو، نوڪري پڄاڻي ڪئي تہ پيون ذميواريون مٿان اچي ڪريون، منهنجي جيون ساٿي جي جدائيءَ منهنجو جيءُ جهوري وڌو، درد ۾ اڪيلائي منهنجو مقدر بڻجي ويا، دل جي ڪيفيتن ۾ تبديلي اچي وئي، دل جي بي چيني وڌي وئي جنهن ۾ سوچن جنم ورتو، هي ڪتاب انهن سوچن جو تسلسل آهي، جيڪي منهنجي سوچن جي ڪيفيت جي عڪاسي آهي مون کي اميد آهي تہ منهنجي غمن جو ازالو ٿيندو.

**زيب ڪنگو**
اسلام آباد.
18.08.2023



books.sindhsalamat.com

روز تنهنجي ديد جو درشن ڪيان،
روز پنهنجي قلب کي روشن ڪيان.

هٿ چمي تنهنجي ڪجي بيعت اچي،
چو نہ من منڪر وري مومن ڪيان.

وس هلي منهنجو اگر ڪوئي هتي،
مان سڄي هن ديس کي گلشن ڪيان.

پيار جو اجرو جتي چهرو هجي،
يار اهڙو عشق جو درپن ڪيان.

هيءَ محبت منهنجي ڪل ميراث آ،
لوڪ سارو چو پيلا دشمن ڪيان.

پول پيارو ۾ هجي سهڻو سخن،
پاڻ کي هن راهہ ۾ هر فن ڪيان.

تون گهري ڏس جان مون ڪان او پرين،
گهور تو تان يار هي تن من ڪيان.

ٿو غمن جا بار ورهائي ڪٽي،
دل ڏکي جو زيب کي محسن ڪيان.




sindhsalamat.com

عاشقي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي،
دل چري هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

هن ڪناري هُن ڪناري ٿي ڦري،
چو سڳي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

در درين مان ٿي اچي پائي ليئا،
روشني هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

ڇير ڪنهنجي لئہ ٻڌي نچندي وتي،
نرتڪي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

هر مٿي هر هيٺ ڇا لئہ ٿي ڪري،
چادري هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

ٻار وانگي ٿي پئي ڪوٽا ٽپي،
ڇوڪري هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

همسفر ٿي زيب سان گڏ ٿي رلي،
زندگي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

•


sindhsalamat.com



# شاعري/غزل

books.sindhsalamat.com

جو مزو انتظار ۾ آهي،
عشق ايڏو اڏار ۾ آهي.

ريس ان سان پيلا ڪجي ڪهڙي،
جو بہ تنهنجي نهار ۾ آهي.

جو رهي ٿو پرينءَ جي پاڙي،
سو وڏي ڪنهن بهار ۾ آهي.

هڪڙو مدهوش مان ڪٿي آهيان،
مئڪدو ئي خمار ۾ آهي.

جنهن ڏنو بي نقاب هو توکي،
ڪنهن چيو هو قرار ۾ آهي.

ڪين جهت بند ڪر پرين ڪڙڪي،
ڪو تہ ڏس انتظار ۾ آهي.

سونهن چمڪا ڪري جتي يارو،
زيب انهي قطار ۾ آهي.

•



ايترو انتظار ڪنهن جي لئہ،
اڄ ميو هي پيار ڪنهن جي لئہ.

ياد ڪنهن ڪي ڪري رنو آهين،
اک اٿئي اشڪبار ڪنهنجي لئہ.

هرگهڙي در مجهان نهارين ٿو،
دل ڪئي بيقرار ڪنهن جي لئہ.

پيار درياهہ مان وڃي گذري،
عشق آهي اپار ڪنهنجي لئہ.

موت جو وقت يار آ مقرر،
ساهہ تي اعتبار ڪنهن جي لئہ.

ڪو تہ احساس دل ڏڪائي ٿو،
ڪو جيئي بار بار ڪنهنجي لئہ.

هو رهيو ڪين ساڳيو هاڻي،
ٿو ڪٽين زيب آرُ ڪنهنجي لئہ.

•

فاصلن جا پر ڪٽي ڇڏجن،
هجر جا هي در لٽي ڇڏجن.

باغ سي ويران ٿي ويندا،
جي چمن مان گل پٽي ڇڏجن.

لڙڪ ڳل تان تا ڪرن منهنجا،
تن مٿان ڪي تر ڇٽي ڇڏجن.

دوستي پنهنجي اگر ناهي،؟
ڇو ڀلا رستا مٽي ڇڏجن.

ڏيهه مان لوڏي ڪيڏان سارا،
غير جون واڳون وٺي ڇڏجن.

قرب ڏيئي لوڪ سان ملجي،
نفرتون ڪاٽي سٽي ڇڏجن.

سڀ سچا ها زيب ڏاهن جا،
قول سي جيڪر رٽي ڇڏجن.

•

ڪير صحرا ۾ سڏيندو ٿو وڃي،


books.sindhsalamat.com

پير واريءَ تي ڇڏيندو ٿو وڃي.

سڏ پڙاڏي جي پٺيان ڊوڙان پيو،
پر اڃان هو ڏور ٿيندو ٿو وڃي.

رات هيڪر دشت ۾ گهاري اچان،
هو پڪا رڻ ۾ اڏيندو ٿو وڃي.

هي ته ظاهر صاف رستا روڪ آ،
بي وجهه رخ جو مٽيندو ٿو وڃي.

زندگي جي ليڪ ڪائي سُوسِ تي،
روز جنهن کي غم ڪٽيندو ٿو وڃي.

آ غصو ڪهڙو ڀلا آڪاس کي،
لال ڇو آفاق ٿيندو ٿو وڃي.

جيتري ڪوشش وسارڻ جي ڪئي،
زيب ويتر ياد ايندو ٿو وڃي.

•


sindhsalamat.com

مون تہ چڏيو آ ويڙهي جهيڙو،
هن کي چئجو ميڙي جهيڙو.

قرب ۾ ڪاوڙ ٿيندي ناهي،
چو ٿو هر هر جهيڙي جهيڙو.

سنڌ امن جي ڌرتيءَ تي ڪو،
ڪير نہ هاٽي ڪيڙي جهيڙو.

ورهہ لنگهي ويا سبندي سبندي،
هو ٿو روز اڌيڙي جهيڙو.

روز اچي ٿو الريو الريو،
روز چڏيان مان ٿيڙي جهيڙو.

منهجي آڏو ڪيڏو منڙو،
زيب اندر پر ريڙهي جهيڙو.

صاف ڪري دل زيب چڏي پر،
هو تہ اجان پيو ريڙهي جهيڙو.

•


books.sindhsalamat.com

پنهنجي گهر جو نشان ڳوليان ٿو،
هڪ نئون آسمان ڳوليان ٿو.

روح بي چين ڪي ڪيان ڪاڏي،
زندگيءَ لئہ مڪان ڳوليان ٿو.

ڪين ڌرتي بچي رهڻ لائق،
ڪو پيو ئي جهان ڳوليان ٿو.

درد پنهنجا ڪٿي ڪجن وڪرو،
دل لڳيءَ جو دڪان ڳوليان ٿو.

پاڻ کي پاڻ سان گلا آهي،
مان بہ کهڙو گُمان ڳوليان ٿو.

شال توکي پرين وٺان جنهن سان،
من ۾ اهڙو گيان ڳوليان ٿو.

بار منهنجا تہ ڪو ڪٽي جيڪر،
زيب ڪو بي زبان ڳوليان ٿو.

•


sindhsalamat.com

روپ ڏس ڪيڏا مَتي ٿي زندگي،
زندگيءَ ڪي ئي ڪتي ٿي زندگي.

هو سبب ڪهڙي اڇي پويان پيو،
موت ڪي ڇا لئہ ڪڪي ٿي زندگي.

حال پنهنجو ڪوهہ جي ڏيڏر جيان،
دائري هڪ ۾ گهمي ٿي زندگي.

رات ڪاري سان سمهي گڏ ٿي پوي،
صبح سورج ڪي چُمي ٿي زندگي.

ڳاله دل جي مختصر آهي ڪبي،
ڪا خبر هيءَ ڪٿ ڪُتي ٿي زندگي.

همسفر سان شل رهي هلندو سفر،
روز سوچي گڏ هلي ٿي زندگي.

زيب ڪنهن ڪي هي دلاسا چو ڏجن،
هي بہ تنهنجي لئہ ڏکي ٿي زندگي.

•



سر لڳي پنهنجو سچي سنڌ يار سان،
دوستي ڪهڙي ڪجي ڪنهن ڪارسان.

ڪل پوي تو ڪي غريبي جي پرين،
چار گهڙيون گهار ڪنهن نادار سان.

هن مٽيءَ سان پيار جو پرڙو ڪجي،
چو نہ ڪارو ٿي مران گڏ يار سان.

ڪڪر ڪارا سپ وڃن غم جا ڇٽي،
زندگي گذري وڃي شل پيار سان.

گيت منهنجا سادڙا تو وٽ پڳا،
مانُ تن ڪي تو ڏنو ويچار سان.

درد ڪي دل مان ڏڪاري ٿا وڃون،
چين ايندو پيار جي اظهار سان.

جو ڦٽائي زيب ٿو دل جو سڪون،
ڪيئن رهون اهڙي پِلا سنسار سان.

•

آه زاري ڪجي،
رات ساري ڪجي.

ڳالهه دل جي هجي،
راز داري ڪجي.

جي ڪجي شاعري،
ڪجھ نياري ڪجي.

بي وفا سان ڪڏهن،
ڪين ياري ڪجي.

موت جو چو پلا،
خوف طاري ڪجي.

دل پتائي سچل،
اڪ بخاري ڪجي.

ديس ۾ پيار جي،
آب ياري ڪجي.

دشمنن جي اڳيان،
بردُ باري ڪجي.

زيب ڪنهنجي پٺيان،
چو خواري ڪجي.


books.sindhsalamat.com

وئي دل کي تاري هئي رات اهڙي،
ملي جو پرين کان ئي خيرات اهڙي.

چميءَ جو چئي چو لنوائي وئي آن،
ڪلي تو ڏني ڪونہ سوغات اهڙي.

ملن ڪانتا پاڻ ۾ واچ جا جيئن،
ٿئي شل پرين سان ملاقات اهڙي.

سجڻ ڪو بہ ناهي زماني ۾ پنهنجو،
نہ غيرن اڳيان ڪا ڪجو بات اهڙي.

اهي حمد تنهنجا لکان مان سدائين،
خدا ڪر ڪا مونکي عطا ڏات اهڙي.

پري مون کي پاڪر اچي جو رني آ،
ڏني زيب مون ڪين برسات اهڙي.

•


sindhsalamat.com

زندگي راتِ برسات لوڙهي وئي،
جيءُ جذبات برسات لوڙهي وئي.

پيڙهه حافظ هئي جا تہ قرآن جي،
سي تہ آيات برسات لوڙهي وئي.

ڳوٺ گهر گهاٽ مائٽ ويا سڀ ٻڏي،
سوٽ ماسات برسات لوڙهي وئي.

خواب خوشيون ۽ آسودگي آ ڪٿي،
سيئي حالات برسات لوڙهي وئي.

وقت بڇڙو ڪيو اڄ حڪمران کي،
جنهنجي اوقات برسات لوڙهي وئي.

ٻار توٽين وڏو ڍور يا ڪو ڏڳو،
باغ سوغات برسات لوڙهي وئي.

ڪو تفاوت نہ انسان حيوان ۾،
زيب هر ذات برسات لوڙهي وئي.

●



درد ٿي احساس مان نڪرن پيا،
لڙڪ منهنجي جهول ۾ سڏڪن پيا.

ڪو نہ ٿو هاٿي قلم اڳتي وڌي،
لفظ ڪاغذ تي ڪري تڙپن پيا.

پينگهہ اڄ چا هن ٻڏي آ پپر ۾،
سڀ گهٽيءَ جا ڇوڪرا ٻهڪن پيا.

ڇهڪ جيڪي چاهہ مان تو ها وڌا،
سي ڳلن تي ڏس پرين چمڪن پيا.

سونهن جا چرچا ٿيا هر چوڪ تي،
جيئن ئي فوٽو سندس ڇپجن پيا.

زيب تنهنجو نانءُ جيئن هو مون ڪنيو،
چپ اڃان تائين ڏسو ٿڙڪن پيا.

●

ڏني سون گلابي اکين ۾ اداسي،
تڏهن هيءَ وٽي آ ڏکن ۾ اداسي.

پرستش وفا جي ڪئي مون هميشہ،
وئي پر وکوڙي رڳن ۾ اداسي.

رکي پير آيس وفا جي ڪنڊن تي،
ملي صرف مون کي ڏڳن ۾ اداسي.

پتو هي هوا جي پيو رخ منجهان آ،
وڏي چو الائي وٽن ۾ اداسي.

وڏا وقت الزام مون تي لڳايا،
ملي هٿ انهن کي هٿن ۾ اداسي.

چوڻ ”زيب“ چاهين چئي ڏي کلي تون،
ڏسان ٿو اوهان جي چپن ۾ اداسي.

•


books.sindhsalamat.com

اک لکايو درد جي احساس کي،
مون تڏهن آهي ڏنو آڪاس کي.

فاصلا بس فاصلا ئي ٿا رهن،
مان لتاڙي ٿو اچان بنواس کي.

سنڌ تنهنجا سورما ڪاڏي ويا،
جنهن سنواريو خوب هو اتهاس کي.

ڪيس ڪيڏا تو ڪيان هن ديس سان،
نيٺ وڃبو ير رسو راڪاس کي.

شام گڏ هو جو سهيلن سان هئي،
مون پري کان هو سڃاتو واس کي.

قول ڪاغذ تي ڏنا تو ها لکي،
مون رکيو سانڍي اٿم قرطاس کي.

ڪجهہ اميدون زيب دل ۾ ئي هجن،
شل خدا قائم رکي وشواس کي.

•


sindhsalamat.com

مون ڏنو هو نگار خاني ۾،
هڪ ئي ڪردار هو فساني ۾.

تو پياريو پئي نگاهن سان،
هيءَ تہ شهرت ملي زماني ۾.

پيار ۾ ٿي خطا وئي اهڙي،
شهر جي ٿو رهان نشاني ۾.

زندگيءَ جي اها هئي دولت،
بس رڳو چاهہ هو خزاني ۾.

مون تہ دل آ گلاس ۾ اوتي،
اک تہ ڪنهن جي هئي پئماني ۾.

زيب دل جو جهان آ خالي،
ڪو رهي هن تہ آشياني ۾.

•



امير سنڌ جا غريب مارون،
ڏيون تہ ڪنهن کي ڏيون ميارون.

لڙهي لڙهي جي پڳا ڪراچي،
اتي بہ غيرن ڪيون الارون.

وڃون تہ آخر وڃون بہ ڪاڏي،
ويون سپيئي ٽٽي مهارون.

هٿن سان سنڌڙي ڪئي حوالي،
سڏيون هنيون تن پئي ترارون.

ٿيو اسان جو تہ حال اهڙو،
پنن نياڻيون ڪري قطارون.

نہ آسرو زيب لاهہ رب مان،
ٻڌي ٿو سڀ جون اهو پڪارون.

•

ڳوڙها سڪي ويا هن سڏڪا پڌي ويا هن،
هرڳوٺ شهر جا سڀ رستا ٻڏي ويا هن.

پرزا ڪري ويو آ دل جي ڪٻاٽ ڪي هو،
هڪ هڪ ڪري سمورا تختا ٻڏي ويا هن.

ثابت رهي نہ ڪا ڇت ديوار تي ڇُتي آ،
چادر بچي نہ سر تي پردا ٻڏي ويا هن.

ماني ڳيو نہ گهر ۾ پاڻي ڪنو پيئون ٿا،
ڪو آسرو نہ ڪنهن ۾ رشتا ٻڏي ويا هن.

ڪي درد تي وهن ٿا ڪي لڙڪ تي لڙن ٿا،
منهنجي اکين جا سارا سپنا ٻڏي ويا هن.

امداد ڪين ڪنهن لئہ ڪائي مدد بہ ناهي،
شايد تہ زيب سنڌ جا پئسا ٻڏي ويا هن.

•



نہ شهر ۾ ڪو نظر اچي ٿو،
تباهہ گهر گهر پتو ڏَسي ٿو.

نڪا بہ خالص ملي تہ شيءِ ٿي،
زهر بہ هتڙي ڇڊو ملي ٿو.

ڏسي خدا جو قهر اکين سان،
نہ پو بہ تاجر ڏسو ڊڄي ٿو.

ٻڏي ويو سڀ اناج سارو،
غريب جو هت بچو مري ٿو.

خواهشون خواب حسرتون هي،
لڙهي ويون سڀ خدا ڏِسي ٿو.

عذاب ٻڄي ويو هي حاڪم ،
عوام جي حال تي کلي ٿو.

سکي رهي شل سداءِ سنڌڙي،
هي زيب هردم دعا ڪري ٿو.

•

ڪٿي نہ مون کي وفا ملي آ،
قدم قدم تي سزا ملي آ.

ڪتاب کولي پڙهي ڏٺا سون،
نہ زندگي ۾ ڪلا ملي آ.

نہ روڳ ۾ ڪو ٿيو افاقو،
نہ ديد جي ڪا دوا ملي آ.

نگاهہ هن جو ڇڏي هتائي،
جتان ڪٿان جڻ جلا ملي آ.

خدا ڏني جا بہ زندگي آ،
اها بہ سا بي بقا ملي آ.

سدا نياپو، خدا ڏسي ٿو،
تڏهن تہ ڪائي دعا ملي آ.

پري اکين کان تہ زيبؔ آهي،
خواب ۾ سا سدا ملي آ.

•

جلا*.نيڪالي



چو وئين زندگي هي اڌوري ڪري،
ڪين ڇڏجي پرين دل پشوري ڪري.

ياد جون مان پري پيڙيون ٿو وجان،
پار ويندس تہ منچر سموري ڪري.

رات ٽوڙي اکين جي تجوڙي منجهان
خواب منهنجا ويو ڪو تہ چوري ڪري.

لوڪ آڏو تہ دلبر سچاتو نہ هو،
چو ويو آ وري ڳالهہ ڳوري ڪري.

ڪو نہ ثابت رهيو ڪو جسم جو حصو،
دل تہ ساجن وئين تون ڪچوري ڪري.

عشق تنهنجو مجاور اچي مان ٿيان،
زيب ٿيندي خوشي ات مزوري ڪري.

•

هيءَ حسينن مٺان جو عنايت ڏنم،
چنڊ سان بادلن جي شڪايت ڏنم.

هي اڪيلو نہ هو زندگيءَ جو قصو،
روز رئندي هتي مون تہ چاهت ڏنم.

چو اڪين سان اکيون هو ملائي نہ ٿو،
خوبصورت پرينءَ جي شرارت ڏنم.

چيچ چپ ۾ ڏئي مسڪرائي ڏسڻ،
زندگي ۾ نئين هي روايت ڏنم.

ڪو بچيو ڪين هن وٽ بهانو تڏهن،
پو نڱي ڪوڙ واري سياست ڏنم.

هو پيتين سان ڏسو گفتگو ٿو ڪري،
هيءَ تہ انسانيت سان بغاوت ڏنم.

هيءَ اجان ابتدا زيب آ عشق جي،
عاشقيءَ ۾ وڏي مان رياضت ڏنم.

•



سرمدي ساحل وٽان گزري وڃان،
عشق جي دلدل وٽان گزري وڃان.

روز جيڪر هو اچي مون وٽ رهي،
روز مان پائل وٽان گزري وڃان.

جي تري آيا خوشي جا اڪ منجهان،
لڙڪ ٿي ڪاجل وٽان گزري وڃان.

هو تہ ماري روز ٿو مون کي چڙي،
پو بہ ٿو قاتل وٽان گزري وڃان.

پيار ڪي جيڪر شناسائي ملي،
مان بدن مخمل وٽان گزري وڃان.

مان وڃان ٿو شاعري ۾ واسجي،
ٿو جڏهن چيزل وٽان گزري وڃان.

زيب اچجن درد ڪجھ هلڪا ڪري،
ماڳ ڪنهن مقتل وٽان گزري وڃان.

•

ها پرينءَ جي نهار ۾ هوندس،
پو وڏي ڪنهن قرار ۾ هوندس.

زلف جو ڇانورو ٿئي جيڪر،
ڌرتتي جو بهار ۾ هوندس.

عشق جو ئي وزير ڪر مون کي،
هيئن سدا اقتدار ۾ هوندس.

هو رڳو هي چوين اچان ٿو مان،
مان عمر انتظار ۾ هوندس.

ڳول مون کي نہ تون اڳيئن صف ۾،
تنهنجي پوئين قطار ۾ هوندس.

هيءَ خبر ناهي پر لڳو مون کي،
زيب ڄڻ مان حصار ۾ هوندس.

●


books.sindhsalamat.com

تنهنجي جيئن ئي نگاهہ ۾ آيس،
ڄڻ تہ دلبر پناهہ ۾ آيس.

زندگيءَ ۾ ملي نہ ڪا منزل،
ڪنهن سڏي ڄڻ تہ راهہ ۾ آيس.

پيار جي اڳڪٿي ڪئي ناهي،
عشق جي پاڻ باهہ ۾ آيس.

ڳالهہ حق جي سدا ڪبي يارو،
ان ڪري ڪين ڦاهہ ۾ آيس.

ياد ڪيڏا عذاب ٿي آڻي،
هر گهڙي چو گناهہ ۾ آيس

زيب ڪي تو ڏنو محبت سان،
مان ڪڏهن ڪو نہ چاهہ ۾ آيس.

●


sindhsalamat.com

هر خوشي حادثن ۾ گذاري ڇڏي،
زندگي فاصلن ۾ گذاري ڇڏي.

چنڊ رولاڪ پويان رهي دربدر،
دلبري بادلن ۾ گذاري ڇڏي.

زندگي موت جي ئي سدا خوف کان،
رات هر ولولن ۾ گذاري ڇڏي.

يارڪان تي جدا پوڳيان ٿو پيو،
هرگهڙي فيصلن ۾ گذاري ڇڏي.

ڪين محفل ڪي قائل ڪري آ سگهيو،
رات ڇڻ جاهلن ۾ گذاري ڇڏي.

رهبرن ڇڙ وچڙ قوم ڪي ئي ڪري،
رهبري مشغلن ۾ گزاري ڇڏي.

ڪجهه حياتي رڳو آسرن ۾ رهي،
جا بچي رابطن ۾ گذاري ڇڏي.

”زيب“ تنهنجي ملڻ لئه جواني سجي،
مون ته آ سائلن ۾ گذاري ڇڏي.



پڇائين طبيعت اچي روبرو،
ڏني يار آٿت اچي روبرو.

خوشي مان ڇڱو ٿي ويس مان پرين،
ملي جو محبت اچي روبرو.

رئي ۾ لڪائي ته مُنهَن ڪي رني،
ڏنائين جو حالت اچي روبرو.

ڇڱو ناهي پرپٺ گلائون ڪجن،
ڪري وچ شڪايت اچي روبرو.

اڳيان حال دل جو سمورو ڪيان،
ڏيو جي اجازت اچي روبرو.

ملي ٿو ته درشن ساڻ دل ڪي سرور،
ڪيو هيءَ سخاوت اچي روبرو.

نه ٿي سڪ لهي هن خطن مان مٺا،
سچي ڪر حقيقت اچي روبرو.

سڻو هو ڪرين هان ڪٺي زيب ڪي،
ڇڱي ڪا نصيحت اچي روبرو.

ڪاوَڻِ جو جڙ رستو آهي،
پيار ڪٿي ڏَسِ سستو آهي.

تنهنجي گهر ڪان آيو اڏري،
خوشبوءِ جوڪو جهٽڪو آهي.

آءُ رکي ڏس ڇاتي تي هٿ،
دل ۾ ڇا جو ڪڙڪو آهي.

ڪير وٺي هي منهنجي دلڙي،
شهر سڄي ۾ هو ڪو آهي.

پنهنجو ساٿي پنهنجو همدم،
يار ڏسان ٿو ڪو ڪو آهي.

روز ڇپن تي تنهنجو سهڻا،
زيب ڇميو هي فوٽو آهي.

•



ڪيان تعظيم تنهنجي ٿو ،اڪين جي هي عبادت آ،
اسان جو عشق آزادي، اسان جو پيار فطرت آ.

اوهان جا لفظ ڏوراپا، اسان دل تي سٺا سارا،
رهون شل پيار جي قابل اها ئي يار حسرت آ.

اوهان جي سونهن ساڪي آ، او هان جو چاه ڪافي آ،
وفا جو تون پرين پيڪر، وفا پنهنجي بہ عادت آ.

ڏسي هي خواب تنهنجا مون، ڇڏيا هن نيڻ هيرائي،
ملي هن راهہ ۾ ڪيڏي ، سدا ئين دل ڪي راحت آ.

اوهان سان پيار ساگر ڪان، وڏو آهي پرين پنهنجو،
سچي آهي سموري هي ڪئي ساري حقيقت آ.

سڏي ٿي زيب توڪي هيءَ مٺي سنڌ ديس جي پيارا،
اٿو گڏ ٿي هلون هن وقت جي هاڻي ضرورت آ.

•

هو ٻه مون کان ڏور ٿيندو ٿو وڃي،
شهر ۾ مشهور ٿيندو ٿو وڃي.

درد جي ڪا ئي دوا ناهي ملي
گهاءُ پيي ناسور ٿيندو ٿو وڃي.

دل لڳي هت مسخري ٻڻجي وئي،
عشق جڻ ڪافور ٿيندو ٿو وڃي.

پو ٻه رسمون هو جنم جون ٿو ڪري،
پاڻ ڪيڏو جهور ٿيندو ٿو وڃي.

يار جي ناراضگيءَ ماري وڌو،
ڏينهن هر عاشور ٿيندو ٿو وڃي.

ڪين حاصل پيار جو لمحو ٿيو،
جڻ ڪتو انگور ٿيندو ٿو وڃي.

مان چوان ٿو ساک تي هن جو حُسن،
اورڪان پيي اور ٿيندو ٿو وڃي.

هن اکين سان هو پياريو زيب کي،
لوڪ چو مخمور ٿيندو ٿو وڃي.

•



هو لڄي اظهار ۾ ٿيندي رهي،
دير تڏهين پيار ۾ ٿيندي رهي.

پاڻ ۾ ڪيڏو اڳي اتحاد هو.
ڳاله هيءَ سنسار ۾ ٿيندي رهي.

چو خدا تخليق تنهنجي پيٽ لئه،
دربدر بازار ۾ ٿيندي رهي.

هوءَ اگر مون کان لنوائي آ وئي،
پر سچي گفتار ۾ ٿيندي رهي.

فائدو ڪيڏو محبت مان پيو،
واڌ هن وهنوار ۾ ٿيندي رهي.

وار چاندي وقت هي ناهن ڪيا،
گهٽ عمر رفتار ۾ ٿيندي رهي.

زيب ڪي ڪوڙن دلاسن ۾ رکي،
بي وفا اقرار ۾ ٿيندي رهي.

•

مسئلا ڪوڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو،
شهر ۾ گوڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو.

ڇو ذهن خوف ۾ مبتلا مان رڪان،
ڪيترا ٿوڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو.

اجنبن ڪي بندوقون ڏٽين ڪي رڳو،
جهول ۾ ڦوڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو.

ٿو ٻَلي ۾ ڏسان مان غلامن جيان،
هي ٻڌل نوڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو.

هن حڪومت ڇڏيا ڪين ثابت لٽا،
جوڙ ئي جوڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو.

هڪ اڪيلو سنڌي هو ٻئي طرف هي،
غير جا جوڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو.

ٿر اجاري مٿان بادلن ٿي ڪيا،
رات گجگوڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو.

زندگي مان اجان ”زيب“ ناهي ٿڪو،
راهہ ۾ موڙ ها حل مگر ڇو نہ ٿيو.


books.sindhsalamat.com

تو ۾ منهنجو ساهہ رهي ٿو،
اپ جيڏو ويساهہ رهي ٿو.

ڪڪرن مان ٿو جهاتي پائي،
چنڊ ڪي ڪنهنجو چاهہ رهي ٿو.

ڇلڪي پوندو ڇيڙ نہ مون ڪي،
اکڙين ۾ درياهہ رهي ٿو.

ڪيڏو ويجهو گهر آ هن جو،
دل ۾ ئي الله رهي ٿو.

رکجو ان جي چال نظر ۾،
ڏاريو ڪو همراهہ رهي ٿو.

يار وڇن هو ياد اٿي نا،
باقي هڪڙو ماهہ رهي ٿو.

تون بہ ڪري ڇڏ صاف صفا دل،
زيب تڏهن هي ناهہ رهي ٿو،

•


sindhsalamat.com

تو اجان ڪوئي ڪيو رابطو ناهي،
هي رواجي يار ڪو حادثو ناهي.

ياد ڪهڙيون مان رکان اٿڪلون تنهنجون،
ايترو منهنجو چڱو حافظو ناهي.

پير زوريءَ ٿا اچن گهر وٺي تنهنجي،
ڇا ڪيان جو پاڻ تي ضابطو ناهي.

عشق جي بيمار ڪان پيي پڇي ونجي،
حوصلو تنهنڪي پرين ڇا ڏبو ناهي.

لفظ تنهنجا هي زهر ها لڳا مونکي،
تو ڇيو مون ساڻ ڪو واسطو ناهي.

زيب تو لئہ ئي پريشان آ رهندو،
رات سک سان هو ڪڏهن ڪا ستو ناهي.

•



اوهان کي يار ساريندي اسانجي عيد وئي گذري،
اکين مان نير هاريندي اسان جي عيد وئي گذري.

لڳي آ تات جيون ۾، نڪي راحت نڪي فرحت،
سڄڻ توکي سنڀاريندي اسان جي عيد وئي گذري.

مڪا تو ڏي هزارين خط سنيها يار روزانو،
پکي پيارا اڏاريندي اسان جي عيد وئي گذري.

اٿي ڊڪندو وڃان در تي، پرين هر هڪ تہ کڙڪي تي،
رڳو راهون نهاريندي اسان جي عيد وئي گذري.

ٻڌو آ تون اچين ٿو ڏس ڇڏيو ڪيئن گهر سينگاري مون،
پتن تي ديپ ٻاريندي، اسان جي عيد وئي گذري.

اچي هي زيب بيتو آ ڪري ڏيئا نگاهن کي،
ائين پل پل پڪاريندي اسان جي عيد وئي گذري.

•

درد کي جيکر کٽي واڙي رکان،
دل اڳيان تنهنجي پرين ڦاڙي رکان.

جي اگر مون کان وڃين دلبر لڪي،
هر گهڙي ان جاءِ کي تاڙي رکان.

تون ملين دشمن پلي ڏسندا رهن،
هانوَ تن جا مان سدا ساڙي رکان.

ڇا نه تون زيبا ئتو آهين مٺا،
ڇو نه تو کي لوڪ کان لاڙي رکان.

پيار جي توکي گواهي ڪا کپي؟،
لڙڪ پنهنجا دلربا ڳاڙي رکان.

وس هلي منهنجو ته گهر پنهنجو ڪٽي،
زيب تنهنجي مان اچي پاڙي رکان.

•



چنڊ تارن ڪئي پاڻ ۾ گفتگو،
پيار وارن ڪئي پاڻ ۾ گفتگو.

اک ۾ ڳوڙها هئا موڪلائڻ مهل،
پن ته يارن ڪئي پاڻ ۾ گفتگو.

ڏور هوندي به گڏجي هلون ٿا اسين،
پئي ڪنارن ڪئي پاڻ ۾ گفتگو.

هو اکين ۾ ڏسي ڳالهه سمجهن پيا،
پر اشارن ڪئي پاڻ ۾ گفتگو.

پير نازڪ ڪٽي ڪا حسينا وئي،
ڳوٺ چارن ڪئي پاڻ ۾ گفتگو.

سونهن تنهنجي مٿان بحث ڏاڍا ٿيا،
سو هزارن ڪئي پاڻ ۾ گفتگو.

سج ديوارن منجهان زيب پاتو ليئو،
خوب جارن ڪئي پاڻ ۾ گفتگو.

•

رنگ ۾ هو پينگ ٿو ڪري،
پيار ۾ هو دنگ ٿو ڪري.

روز در تي اچي ٿو سڏي،
ڪيترو هو تنگ ٿو ڪري.

چور سان چور جهڙو ڏسان،
لوڪ ڪيڏا رنگ ٿو ڪري.

هو تہ سادو ڏسڻ ۾ اچي،
پر اصل ۾ ڍنگ ٿو ڪري.

جيترو مان ٿيان ٿو پري،
اوترو هو سنگ ٿو ڪري.

ري سڏيو هر خوشي ۾ اچي،
پو ملڻ لئہ تنگ ٿو ڪري.

هاڻ ۾ پيي ٽري ٿو وڃان،
زيب جي هو منگ ٿو ڪري.

•


books.sindhsalamat.com

ياد ايندي رهي يار جي گفتگو،
مون سنڀالي رکي پيار جي گفتگو.

تو وڪوڙي ڇڏيا ريشمي وار ها،
ڇا تہ مشهور ٿي چار جي گفتگو.

فون تنهنجي ڪئي ٽيپ آهي پرين،
ڪجهہ اٿئي ياد اقرار جي گفتگو.

تون هجين ڪير محفل وڃي هي ڇڏي،
مان پڙي خوب دلدار جي گفتگو.

روز ماڻهن اڳيان هو تہ وڙهندو رهي،
پر وٽي پو بہ تڪرار جي گفتگو.

بار دل جو ڪجي هاڻي هلڪو ڪٿي،
رازدارن ڪئي بار جي گفتگو.

زندگيءَ جو ڪٿي پرو سو آ مٺا،
زيب دل ۾ رهي سار جي گفتگو.

•


sindhsalamat.com

وڻن ۾ پينگهن تي سڪيون ٿيون لڏن،
هوا ۾ ڪي جهر مر سڳيون ٿيون لڏن.

مڇي باغ ۾ هو ويو ڇهڇٽو،
ڏسي عاشقن جون دليون ٿيون لڏن.

ڪٽي چيلھ تي جو هليون پوپريون،
خوشيءَ مان تہ ڪيڏو دڪيون ٿيون لڏن.

ڏسي سونهن جنهن جي ويو هوش هو،
بنا ڪنهن نشي جي اکيون ٿيون لڏن.

وڃي ريل گاڏي ڪري ڪوڪ ٿي،
وڻن جو بہ لامون، پٽيون ٿيون لڏن.

وڏي وقت ڪان پوءِ اڇي زيبَ ٿو،
سڃي ڳوٺ جون ئي ڳليون ٿيون لڏن.

•


books.sindhsalamat.com

عشق هُتِ بدحواس بيٺو هو،
هِتِ حسن بي قياس بيٺو هو.

صبح ڪان ئي ڪلي دري ناهي،
شخص هڪڙو اداس بيٺو هو.

هن صحن ۾ اڇڻ چڙيو آهي،
رات چنڊ پيي نراس بيٺو هو.

سال اڳ ڪو ڪٽي نياڻي ويو،
هيل سوڌو هِراس بيٺو هو.

عيد ڏهاڙي مسيت جي در تي،
هڪ يتيم بي لباس بيٺو هو.

روز ماڻيون مزو ڇمي جو مون،
جو ڇپن تي مناس بيٺو هو.

زيب خوشبو منجهان لڳو مون ڪي،
منهنجي هو آس پاس بيٺو هو.

•


sindhsalamat.com

سري عام سھڻا اڇي جو ملو ٿا،
رقيبن جي دل ۾ وجھو ٽرٽلو ٿا.

ڪٺي شوخ نظرون نھاري اسان ڏي،
نقابن ۾ چھرو لڪائي ڪلو ٿا.

رڳو لفظ گونگا اسان جا نہ سمجھو،
وڏو جوش جذبو رکئون حوصلو ٿا.

وفا ڪي نڀائڻ پرين خوب ڄاڻون،
زنده پيار جو ھي رکون سلسلو ٿا.

ڪجي غير جي چو پلا چاپلوسي،
اھو يار گڏجي ڪيون فيصلو ٿا.

ھجن پاڻ ۾ جي ڪٺي ڪوڙ ويچا،
مگر ديس تون لئہ رکون ولولو ٿا.

ڳتي سان ملائي ڳتو زيب پنھنجو،
ڪيو پاڻ لئہ چو وڏو مسئلو ٿا.

•


books.sindhsalamat.com

سچ جو يار سڏائي ويٺو،
حق جي راھ پچائي ويٺو.

خالي گھر جي ديوارن کي،
پنھنجو حال ٻڌائي ويٺو

منھنجي روئڻ تي ھو ھر ھر،
مون کي ٿو پرچائي ويٺو.

دانھون ڪوڪو ڪير ٻڌي اڄ،
سور اڪيلو ڳائي ويٺو.

لڙڪ لڪائي مرڪي پنھنجو،
چھرو پاڻ ھٽائي ويٺو.

زيب خوشي ۾ ديوانو ٿي،
در تي ديپ جلائي ويٺو.

•


sindhsalamat.com

اوهان فاصلا جو وڌائي ڇڏيا هن،
اسان تاڪ دل جا ورائي ڇڏيا هن.

سڌي جي پتائي تہ نهڪر ڪجي ڇو،
جتي قرب ميلا مچائي ڇڏيا هن.

متان ٿي وڃين تون پريشان مون لءِ
تڏهن درد پنهنجا لڪائي ڇڏيا هن.

پکين جي پرن تي مڪا يار توڏي،
لکي ڪي نياپا اڏائي ڇڏيا هن.

ڪڏهن يار ملبو رهي جي حياتي،
اسان ديپ ٻاري اجهائي ڇڏيا هن.

سپن ڪان پڌو آ اهو مون ڪنن سان،
پتن تان بہ فوٽو هٽائي ڇڏيا هن.

وساري ڇڏيو آ ڪتي زيب توکي،
رقيبن اهي هل هُلائي ڇڏيا هن.

•



ڇو پلا ڪو ديد ڪي ميڙي گهمي،
سانوري جو زلف ٿي ويڙهي گهمي.

ڪنهن بهاني بس ڏسان مان يار ڪي،
هو بہ نظرون ٿو وري ٽيڙي گهمي.

سوٽ ڪاٽن جو نئون پاتو اٿس،
تنهن ڪري ٿو ڏند هو تيڙي گهمي.

ڪين ڪا تڪليف مان هن تي سهان،
هو پلي من ڪي پيو ڪيڙي گهمي.

هر خوشي مون کي ملي ويندي اگر،
يار جي منهنجي رڳو نيڙي گهمي.

ڳوٺ تنهنجي ۾ اٿم دشمن گهڻا،
زيب تن سان روز ٿو جهيڙي گهمي.

•

ٿو اکين تي مان رکان تحفا ڪري
جي سنيها تو مڪا دڙڪا ڪري.

سونهن پنهنجي ڪجهه تہ ڏي خيرات ۾،
مان اکيون آيس ڪٽي ڪشتا ڪري.

مرڪ ۾ خنجر هئا معلوم هو،
تو مڪا مون لاءِ گلدستا ڪري.

ڪيترا پهرا لتاڙي مان پڳس،
سَوَ ارادا هي پرين پختا ڪري.

چيز هت هر ڪا مهانگي ٿي وئي،
يار وچ ديدارَ تون سستا ڪري.

تون تہ ايندين هي پڪي آ ثابتي،
زيب بيٺو صاف آ رستا ڪري.

•


books.sindhsalamat.com

عاشقيءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا،
زندگيءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا.

راهہ ۾ فاصلا روڪجن،
واپسيءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا.

وقت هي ٿو مناسب لڳي،
دل لڳي جي ڪجي ڳالهہ ڪا.

اک ڪلي رات احساس جي ،
شاعريءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا.

سنڌ سُڪي ٿي سڄڻ سوچجي،
هن نديءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا.

چنڊ تارن ۾ تڪرار هو،
روشنيءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا.

رابطو چو ٽٽو زيب آ،
اڄ پڌيءَ جي ڪجي ڳالهہ ڪا.

•


sindhsalamat.com

من کي تيلي ڏيندي هاڻي،
پير بہ ڏاهي ويندي هاڻي.

باھ پري پو دونھو ٿيندو،
هوءَ پري کان ڏسندي هاڻي.

مرڪي جيئڻ ئي ڪنڌ ورايو،
ائين لڳي ٿو کلندي هاڻي.

مرندي مرندي جيئون ڪيسين،
هيءَ حياتي ڍهندي هاڻي.

ڏوڪو آ يا پاڇولو آ،
جهوٽو ٿي ڪو ايندي هاڻي.

زيب سڏي ڪو پردي پويان،
ائين لڳو هوءَ هوندي هاڻي.

•


books.sindhsalamat.com

بغض انسان ذات مان نڪري...! !
ڏک سڄي ڪائنات مان نڪري...! !

جهٽ اڏائڻ مذاق ٿا ماڻهون،
ڳالھ گاهڙي جي وات مان نڪري...! !

هاڻ محسوس ٿو اندر ۾ ٿئي،
درد ٿو پات پات مان نڪري...! !

شام ڪوئل پئي ڪيون لاتيون،
جڻ پيو ساز لات مان نڪري...! !

سيءَ ۾ سج ويو لهي ڏڪندو،
چنڊ بہ ٿو سرد رات مان نڪري...! !

ڳالھ ڳاليڙو وڃي ٿيندي،
ٿي جڏهن بات بات مان نڪري...! !

زيب هر لفظ شل وٽي توکي،
شعر اهڙو ٿي ذات مان نڪري...! !

•


sindhsalamat.com

غيرن تي ويساهه ڪيان مان.؟
اهڙن جي پرواهه ڪيان مان.؟

ايرو غيرو سنڌ تي قابض،
تنهن سان ڪهڙا ناهه ڪيان مان.؟

پنهنجي پوکي پاڻ لٽون ٿا،
ٻئي لئہ ڳڌ چو ڳاهه ڪيان مان.؟

منهنجو رب ئي ڪافي مون لئہ،
چو ماڻهون الله ڪيان مان.؟

ميري اک مان ڪين سهان ٿو،
دشمن کي بس پاهه ڪيان مان.

سنڌ کي جيڪو ماءُ سڏائي،
گهور سمورو ساهه ڪيان مان.

صوبي جي جن ڳاله ڪئي آ،
پادر ٺوکي پاهه ڪيان مان.

مرڻو پرڻو جنهنجو سنڌ سان،
زيب سدا سي چاهه ڪيان مان.


books.sindhsalamat.com

سونهن جا پوپٽ اڏاري شام جو،
هوءَ دري مان ٿي نهاري شام جو.

جيئن افق ڏي ٿو سفر سورج ڪري،
روز ويندو آ رئاري شام جو.

سڏ پڙاڏو ٿي لڳي چڻ زندگي
ڪير پويان ٿو پڪاري شام جو.

ياد جي ڪليل بچي هڪڙي دري،
جيءُ ٿي جيڪا جياري شام جو.

زور ور لئہ ڪامڻي سينگارجي،
وار ٿي پنهنجا سنواري شام جو.

ڏينهن گذري ٿو وڃي جيئن تيئن ڪري
زيب ڪيئن هيڪل گذاري شام جو.

•


sindhsalamat.com

عشق تي هٿ ٿورڙو هلڪو رکو،
دل چري جو يار ڪو الڪو رکو.

راند جي پرواهہ ڪا ناهي ڪبي،
هار جو يا جيت جو ڪتڪو رکو.

دوستي پل غير سان تنهنجي هجي.
دشمنن لئہ ها مگر دڙڪو رکو،

صاف دل منزل بہ پو آسان آ،
ڪين من اندر ڪڏهن ڌوڪو رکو.

سونهن جي چاهين ڏسڻ محبوب جي،
پاڻ آڏو سنڌ جو نقشو رکو.

واءُ ۾ خوشبو چڙيو هاري پرين،
چاهہ جو چندن چگو چٽڪو رکو.

زيب رکجو پاڪ هن ماحول کي،
ڪين ڪاوڙ جو مٿان تڙڪو رکو.

•



درد ٿو تير تاڻي هڻي چا ڪيان،
پڪ پيو ٿو سڄاڻي هڻي چا ڪيان.

چين دل جو ويو پيسجي پيڙهجي،
زندگي روز گهاڻي هڻي چا ڪيان.

لفظ منهنجا ڪٽي ها اگهاڙا ڏسو،
مفت ۾ ڪير ٿاڻي هڻي چا ڪيان.

صبح سج ٿو اٿاري چڙي ننڊ مان،
جڻ پٽر ٿو اماڻي هڻي چا ڪيان.

هن تہ فوٽو لڳايا سڄي سنڌ ۾،
پر نٿو لاڙڪاڻي هڻي چا ڪيان.

زيب صورت ڏسي پوڳ مون کي لڳو،
زخم ٿو جاڻي واڻي هڻي چا ڪيان،

•

هر ستم جي اچ پڄاڻي ٿي لڳي،
هوءَ خفا چاڻي واڻي ٿي لڳي.

شام گم سم چو اياڻي ٿي لڳي،
ياد ماضي درد هاڻي ٿي لڳي.

مون ڪيو شايد ڇگو ڪو ڪم هجي،
زندگي جڻ ڪا ملاڻي ٿي لڳي.

هن سڪايا وار شايد چت مٿان،
اچ هوا پڻ شاعراڻي ٿي لڳي.

ديس پنهنجي ۾ لڳان ٿو غير جڻ،
هرخوشي چو هت ڪساڻي ٿي لڳي.

اڪ زمانا چو رکي ٿي سونهن تي،
هوءَ پڻ ڪنهنجي نياڻي ٿي لڳي.

ڪير ڳرڪائي ويو سنڌ جو امن،
قوم ساري جڻ نماڻي ٿي لڳي.

پاڻ کي نيڪي ڳلي پئجي وئي،
زيب سنڌ پنهنجي مياڻي ٿي لڳي.



ڪين رهجي وڃي ڪا ڪمي پيار ۾،
اچ وري هڪ هڪاڻي ڪبي پيار ۾.

حوصلو شام مون کي اڇي تو ڏنو،
ديپ ٻاري ڪئي مون خوشي پيار ۾،

بي سبب تون رسين ٿو ڪلي لوڪ ٿو،
جان ڪيڏا ستم وئي سهي پيار ۾.

غم ته ناهي ڪبو دل لڳي ۾ پرين،
جيئڻ به گذري پلي زندگي پيار ۾،

گيت وايون غزل سڀ ڪيان نانءُ ٿو،
مون ته ارپي ڇڏي شاعري پيار ۾،

رات موٽي ويا خواب نيڻن منجهان،
پيڪڙائي دري تو ڇڏي پيار ۾،

چنڊ پاڪر منجهان رات مون هو ڏنو،
زيب پرجي وئي روشني پيار ۾،

•

ڌرتتيءَ جو قسم،
روشنيءَ جو قسم.

سچ چئي، پو مران،
رهبريءَ جو قسم.

راڳ ۾ چاشني،
راڳڻيءَ جو قسم.

خواب جاڳي ڏٺو،
مَنَ مِٽيءَ جو قسم.

داد ڪهڙو ڏجي.
شاعريءَ جو قسم.

ڪوڙ ڪيڏا هنيا،
عاشقيءَ جو قسم.

پير تنهنجا چمي،
ان جتيءَ جو قسم.

زيبَ پنهنجو لڳو،
هر سنڌيءَ جو قسم.


books.sindhsalamat.com

تنهنجي مورت خيال ۾ آهي،
دل سدائين ڏمال ۾ آهي.

صاف ظاهر جواب منهنجو هو،
تو پڇيو جو سوال ۾ آهي.

هن تہ ويندي ڏني چمي ڳل تي،
رات گذري نهال ۾ آهي.

ڇو نهارين ٿي واٽڙن وانگي،
ڪجھ تہ تنهنجي خيال ۾ آهي.

نانءَ ڪنهنجو پيو هيو خط ۾،
حال جنهنجو حوال ۾ آهي.

مون ڪيو جو بہ آ پڳو مون ڪان،
منهنجي جيڪو مجال ۾ آهي.

ڪير دل جو مڪان ويو ڊاهي،
جان پوري جنجال ۾ آهي.

عشق ٿي ويو اداس ڳڻتيءَ م،
اف محبت زوال ۾ اهي.


sindhsalamat.com

عرض هڪڙو ٻه تو مجو ناهي،
دل اجان ان ملال ۾ آهي.

سور سو سو مگر وٽان گهمندو،
ڪٿ نه اهڙو مثال ۾ آهي.

زيب ڪافر ٿيان وساري مان،
نيهن پهتو وصال ۾ آهي.

●


books.sindhsalamat.com

ياد مون وٽ آ ڪٺي تتلي پڳي،
شام تنهنجي گهر وٽان آئي اڏي.

روز ڪيڏا فاصلا گهٽجن پيا،
ڪيتري دنيا وئي آهي سُسِي.

تو هئا گل ڪاغذي مون ڏي مڪا،
مون هٿن جي آ پرين خوشبو چمي.

رات ياڪر ۾ نه تنهنجو ساٿ هو،
تات ڪيئن تنهنجي پوي آخر سمهي.

خوبصورت ڇا نه وئي منظر ڇڏي،
مون ڪٿي ڳل تان اجان سرخي اگهي.

زيب ڇا ٿي آ ويو تو کي وري،
ڇو پيلا هر هر وڃين ٿو تون رسي.

●


sindhsalamat.com

مون بہ در تي گلاب پو ڪيا ها،
پاڻ لئہ چڻ عذاب پوکيا ها.

بار سر تي هيو گناهن جو،
ڪو نہ مون کي ثواب پوکيا ها.

گل هوا ۾ اڏن ٿا گيتن جا،
ڪيڏا سرها خواب پوکيا ها.

ڪو حجابن ۾ ٿو رهي مون کان،
ڪنهن تہ رخ تي نقاب پوکيا ها.

پوک پوکي هيم انگورن جي!
لوڪ سمجهو شراب پوکيا ها.

ڪو تہ آهي جو پيو ٿو لڪرائي!
چڻ اندر ۾ ڪتاب پوکيا ها!

لڙڪ اکڙين مان زيب ٿيا جاري،
مون تہ نيڻن ۾ آب پوکيا ها..!



قدرت جو اسرار وٽي ٿو.
سهڻن جو سينگار وٽي ٿو.

وڙهندو ٺهندو آهي هر هر،
ساجن جو تڪرار وٽي ٿو.

ڌرتيءَ سان آ پيار پراڻو،
سونهن پريو سنسار وٽي ٿو.

تو تان پنهنجي جان بہ صدقي،
سنڌڙي تو سان پيار وٽي ٿو.

ماکي مصري کان پي مٺڙو،
محب مٺو مٺار وٽي ٿو.

تو کي ڏسجي ويهي جيڪر،
هڪڙو هي ڪم ڪار وٽي ٿو.

چوري چوري ڪوني تان ئي.
جانب جو ديدار وٽي ٿو.

زيب سڄي دنيا کان بهتر،
دلبر تنهنجو پار وٽي ٿو.

تون جي ٿيندي ڏار تہ مان وکري ويندس،
ڪک پن ٿي او يار، تہ مان وکري ويندس.

درد ڪٽي آنءُ اڪيلو ويندس ڪاڙي،
هوندا سر تي بار تہ مان وکري ويندس.

ويچا پنهنجي وچ ۾ هاڻي ٿيندا ڏِسُ،
تون نہ لڏي سنڀار تہ مان وکري ويندس.

ٿوري ٿوري تي چو رسندو آهين تون،
ڏيندين جي آزار تہ مان وکري ويندس.

دشمن کي پيي وارو ملندو ڳالهين جو،
ڪلندو هي سنسار تہ مان وکري ويندس.

زيب اچي مان وينس جنهنجي پاڙي ۾،
هو بہ ڪري تڪرار تہ مان وکري ويندس.

•



عشق درياه جو سفر آهي،
اڻ ڏٺي راه جو سفر آهي.

هي وڇوڙو متان ڇڏي ماري،
ڪيترو ساه جو سفر آهي.؟

وقت ڪيڏو اداس ٿو گذري،
ياد ويساه جو سفر آهي.

رقص ۾ روح ٿو رهي غافل،
شهر گمراه جو سفر آهي.

رات ڪاري ڏسان اکين آڏو،
چنڊ سان چاه جو سفر آهي.

ڪير روڪي نگاه کي هاڻي،
سوچ ساڃاه جو سفر آهي.

هي وفا جو عذاب رستو ٿي،
وچ ۾ آڙاه جو سفر آهي.

زيب هي زندگي گلابي آ،
پر ڏکيو چاه جو سفر آهي.

تو لءِ ڪجهہ ويچار ٻہ ٿي ها،
تنهنجا پر مِعيارَ ٻہ ٿي ها.

گلدستو هو منهنجي هٿ ۾،
تو وٽ ڪنهن لءِ هَارَ ٻہ ٿي ها.

مرڪن سان گڏ ڪير ڏسي هي،
ڳل تي لڙڪن لارَ ٻہ ٿي ها.

ٻہ ٻہ درجن ها استاد،
اسڪولن ۾ پار ٻہ ٿي ها.

ٽڪرن ۾ هو چهرو منهنجو،
آئيني ۾ ڏار ٻہ ٿي ها.

وقت ڪري ويو ويساهہ گهاتي،
سر تي بچيا وار ٻہ ٿي ها.

تنهنجو غم ٿو تڙپائي نہ تہ،
مون ڪي پيي ڪم ڪار ٻہ ٿي ها.

زيب اڪيلو واجهائي ٿو،
هُنَ سان هُنَ جا يارَ ٻہ ٿي ها.


books.sindhsalamat.com

سڪين سان ڪري جو شڪايت وئي،
سڄي زندگيءَ جي عبادت وئي.

پڪي ٿي اڏامي ويون چاهتون،
صدين جي هلي سپ رفاقت وئي.

نقابن ۾ مرڪي نهاري وري،
اکين سان ڪري هوءَ شرارت وئي.

جواني تہ ڪائي هئي خواب ڪو،
اڇا وار ٿي ويا ۽ ذهانت وئي.

ڪٽي پاڻ سان سک ويو وقت ڇڙ،
الائي تہ ڪا ڏي عنايت وئي.

وئين زيب ڪي تون اڪيلو ڪري،
حياتيءَ جي هاٽي ضمانت وئي.

•


sindhsalamat.com

رات سجي هي ڳوڙهن هاڻا،
سڏڪن منهنجا هنڌ وهاڻا،

رئندي رئندي جهول پُسايا،
رکجن ٿا ڪٿ نيڻ نماڻا.

ڪولي پانهون پاڪارن ٿا،
منهنجي در جا تاڪ پراڻا.

غم جي چادر ويڙهي وينس،
لڳ لڳ منهنجا آهن ساڻا.

منهجي وس ۾ ناهن هاڻي،
ڪيئن جهليان مان پير اياڻا.

هيءَ گهڙي پي گذري ويندي،
ڏک سک ۾ ره راضي راڻا.

پيار ڪتي ٿو زيبُ وساري،
ڏي نہ اجايا يار وراڻا.

•



خوشين جو ماحول ڪتي آ،
پاراٽو هو پول ڪتي آ.

چين ويو اڄ ڪاڏي دل جو،
جيجل تنهنجو جهول ڪتي آ.

روز مرن ٿا ماڻهون سنڌ ۾،
جيون هت انمول ڪتي آ.

رات ويو هو ڪوئي ڪنيجي.
ميڊيا ۾ چئوپول ڪتي آ.

پاڪر ۾ آ منهنجي دنيا،
تنهنجي دنيا ڳول ڪتي آ.

دشمن لئہ آ پوندو ڪافي،
مون رکيو پستول ڪتي آ.؟

ڪين وري هو ملڻو هاڻي،
زيبُ وڃي تون ڳول ڪتي آ.

•

ٻالھ ان کان مٿيري هن درد جي،
نہ تہ هئي کهڙي کمي هن درد جي.

رابطو ٽوڙي ويو هو بي سبب،
هي وجھ شايد ٻٽي هن درد جي.

بار چو ٿو تون پيا دل تي ڪٽين،
آ رڳو ڪافي پري هن درد جي.

ڪجھ خوشين کي ٻاءِ پنهنجي گيت ۾ ،
چو ڪرين ٿو شاعري هن درد جي.

روشني ڪا پيار جي هٿ ٻارجي،
چڙ وسائي تو ٻتي هن درد جي.

هي حياتي پل گهڙي آ يار بس،
آ وڏي ٿي زندگي هن درد جي،

زيب تحفو ۾ چلو تو کان گهريو،
تو ڏني پر سوکڙي هن درد جي.

•


books.sindhsalamat.com

نہ احساس آهي خوشي ۽ غميءَ جو،
اهو معجزو ٿو ڏسان عاشقيءَ جو.

نئين روز وڻندڙ شرارت ڪري ٿي،
هٽي پاند مرڪي وئي آ سڄي جو.

ڪيڏي سادگي سان ڪسي دل وئي آ،
ڪٿي فائدو هو وئي دوستيءَ جو.

ويو پيار وسري تہ انسان ڪان اڄ ،
ڳپي لئہ برو حال آ آدميءَ جو.

خدا چو الائي ڏسي پيو تماشو،
ٿيو چا حشر آ هتي زندگي جو.

هجي ڪين واقف چپن جي لذت ڪان،
پيلا ڪينئن چاٽي مزو هو چميءَ جو.

غزل گيت وايون لکان ٿو پرين لئہ،
رڳو هو تہ عنوان آ شاعري جو.

ڪري زيب اظهار دلڙي نري پئي،
مسين آهِ آيو ڪو موقعو خوشيءَ جو.


sindhsalamat.com

مون غير ڏنو توسان چا وقت اڇي ويو آ،
ڇڻ موت ڪئي پيرا مون ساڻ گسي ويو آ.

هي سرد هيو موسم، مون ياد ڪيو توکي،
من هيٺ مٿي ڪان ئي هر انگ پسي ويو آ.

هن شام اڪيلي ۾ ، جو ساٿ هيو تنهنجو،
دلدار اويلو ڪو، ڇڻ ڪڪر وسي ويو آ.

چو حال ٿيو هوندو ان شخص نماڻي جو،
جنهن ڪان بہ تہ جنهنجوئي معشوق رسي ويو آ.

آ رات سياري جي ۽ ياد وري تنهنجي،
خاموش فضائن ۾ ڪو شور مچي ويو آ.

معمول اهو آهي تڪليف سهي وڃجي،
ٿي لوڪ ويو پوڙو، انسان مري ويو آ.

چا زيب ڪيان ڪوئي، بي لوث مليو ناهي،
هٿ هاٿي حسينن جو، آزار وڌي ويو آ.

•



books.sindhsalamat.com


مون تہ نيٽن ۾، رات ڪاٽي آ،
تو سوا ڪهڙي، ڏس حياتي آ.

چا چوان راڻا، روپ تنهنجي ڪي،
طلسماتي آ، رات ڪاٽي آ.

گهر اڇي منهنجي ائين لڳو مونکي،
درد ڀاتي آ، رات ڪاٽي آ.

ڪين ٿي پوري، ڪي صديون گهرجن،
ڳالهہ باقي آ، رات ڪاٽي آ.

تو بہ چاڻين ٿو، آرزو منهنجي،
دل تہ آتي آ، رات ڪاٽي آ.

غير جي هٿ ۾، آ چٽي تنهنجي،
مون سڃاتي آ، رات ڪاٽي آ.

زيب ڪي ڪوئي، ڏس ڏيو هاٽي،
چو اداسي آ، رات ڪاٽي آ.

•



sindhsalamat.com

پاڻ ڪلندي گهٽن ڪي رلائي ويو،
پيار دنيا منجهان موڪلائي ويو.

ڪنهن هتي آ ڏني دشمني ڪي هتي،
ڪوڙ نفرت ۽ ڏوڪو وڌائي ويو.

ڪير مسجد اندر ٿو ڌماڪا ڪري،
شهر مان امن ڪي ڪو لڏائي ويو.

قرب سستو وني هو ويو ڳوٺ مان،
درد ڪيڏو مهانگو ڪپائي ويو.

بي ضميرن ڪئي آ حڪومت اچي،
ڪيس پنهنجا تہ هرڪو ڇڏائي ويو.

قوم ڪيڏي ڏسان ٿو پريشان آ،
ڪوئي غيرت اتي تي لٽائي ويو.

زيب ٻهتر وطن لئہ ڪري دوستو،
ديپ پنهجي حصي جو جلائي ويو.

•



درد ۾ بيشڪ دعا ايڏي نہ ڏي،
دشمنيءَ ڪي پر هوا ايڏي نہ ڏي.

چنڊ پنهنجي ٿو ڏسان مان گود ۾.
جوش دل ڪي انتها ايڏي نہ ڏي.

او حسينا عاشقن تي ڪر رحم،
دل لڳائڻ جي سزا ايڏي نہ ڏي.

زندگي ويڙهي غمن جي ڄار ۾،
ساهہ ڪي تون ست مٺا ايڏي نہ ڏي.

تو چپن سان هو پياريو خوب هو،
تشنگي پو دلربا ايڏي نہ ڏي.

ابتدا تي پيار جي ڪيڏي ڇڳي،
پو خواري بي وفا ايڏي نہ ڏي.

وڄ ڪٽي فوتو پراڻا مون وتان،
زيب ڪي هاٽي سخا ايڏي نہ ڏي.

•

سرد موسم ۾ پرين محفل ڪجي،
چو نہ ڪڪرن کي وري آنچل ڪجي.

قرب چو دل ۾ مٺا سانڍيو رکان،
پيار ۾ ٿوري گهڻي هلچل ڪجي.

جت هجي ساگر سڄو طوفان ۾،
عشق کي دلبر اتي ساحل ڪجي.

زندگي پنهنجي ڪٿي ان کان اڳي،
هي ڪماڻي پيار جي مڪمل ڪجي.

پاڻ تنهنجو هو پڇائيندو اچي،
پاڻ کي اهڙو ڪٿي قابل ڪجي.

ڳالهه ڪا هاڻي وطن لئہ سوچجي،
شاعري سان لوڪ کي قائل ڪجي.

ٿي تماشو هي گهڻو آهي ويو،
زيب ڪنهن کي چو پيلا پاڳل ڪجي.

•


books.sindhsalamat.com

سج ٿو آسمان مان گذري،
زندگي پئي گمان مان گذري.

هيٺ هاڻي تہ ڏس ڪٿي يارب،
ڪير ٿو امتحان مان گذري.

ان ڪري پيت چڏي اٿم ڏاهي،
من ڪڏهن هو مڪان مان گذري.

جنهن ڪسي آ غريب جي روزي،
شال هو ان جهان مان گذري.

نقش اهڙو نهي ويو دل تي،
پيو اجان هو ڏيان مان گذري.

زيب کي ڪجهہ قريب ڪر هاڻي،
هي حياتي امان مان گذري.

•


sindhsalamat.com

آئيني ۾ عڪس پنهنجو هو،
هو سڃاتل شخص پنهنجو هو.

گڏ هلي پيو پاڻ ٿي پاڇو،
مون ڏٺو ٿي رقص پنهنجو هو.

چار لمحا ئي خوشي جا ها،
پر غمن جو ڪرس ❊پنهنجو هو.

ڦودني ۾ ڦير چو ڏسجي،
ڪجھ تہ ان ۾ نقص پنهنجو هو.

ڪين ڀرجي پيٽ دولت سان،
ڇا تہ ڌن جو حرص پنهنجو هو.

ٿورڙو ڪر ڀروسو مون تي،
دوستيءَ جو وِرسُ ❊پنهنجو هو.

ڪو تہ ڏي آواز ٿو مون کي،
هر سڳر سان ڏرس ❊پنهنجو هو.

ٿو ڪري هو زيب سان جيڏو،
پيار ان کان سرس پنهنجو هو.

(ڪرس مٺائي جو قسم
ورس ( يقين اعتماد)
ڏرس ( قافلي سان گڏ گهنڊ)



محبوب جِي نظر جي جاگير ٿي وڃي ٿي،
ان جي چڱي تہ ڄڻ ڪا تقدير ٿي وڃي ٿي.

جنهنجي ڏسي حسن کي، نازل جي شاعري ٿئي،
ڪنهن خواب کي تہ حاصل تعبير ٿي وڃي ٿي.

دنيا عجيب آهي، قاتل اٿئي زمانو،
هت ديد دشمنن جي شمشير ٿي وڃي ٿي.

موسم اداس آهي، سوداءُ آ هوا کي،
تو وٽ تڏهن پڄڻ ۾ تاخير ٿي وڃي ٿي.

ساوڻ رهيو نہ ساوڻ، تابش ڏسي نران ٿو،
تنهنجي اچي شهر کان لڪ، هير ٿي وڃي ٿي.

ڏَسِ زيب بي بسيءَ جو، ڪوئي علاج آهي.
ڇو تو سواءِ دلڙي، دلگير ٿي وڃي ٿي.

●

خالي بستر ماه ڊسمبر،
آءُ ڪيڏي ٿو ساهُ ڊسمبر.

تنهنجو منهنجو سهٽا سائين،
هاڻ گهُري ٿو ناهُ ڊسمبر.

ٻانهن ۾ اڄ ٻيڙي ناهي،
پار ڪجي درياهه ڊسمبر،

سرد هوائون جهورن جيءَ کي،
ڪو نہ ڪري پرواهه ڊسمبر.

ڏينهن وڇوڙو ياد رکان ٿو،
ڏيندو وچ اتساهه ڊسمبر.

آشائن کي ٽوڙي ويندين،؟
تو تي هو ويساهه ڊسمبر.

قهر ڪيائين ڪيڏا مون تي،
ڪيڏو آ بي پرواهه ڊسمبر.

ويندي ويندي يار اسان جا،
زيب ڪيڏي ويو لاهه ڊسمبر.



هي چمي ڀاڪر اهم ناهي رهيو،
يار جو مون تي ڪرم ناهي رهيو.

ڪوڙ منهنجو ئي ڏرم ناهي رهيو،
وسوسو يا ڪو وهم ناهي رهيو.

فٽ چٽا سارا، ويو رهجي نشان،
ڪو مگر تازو زخم ناهي رهيو.

دل صبر آهي ڪيو روئي رڙي،
من اندر منهنجي اُڌمَ ناهي رهيو.

پاڻ ٽوڙي واعدا آهي ويو،
پنهنجي وچ ۾ ڪو قسم ناهي رهيو.

گيت وايون سڀ غزل وسري ويا،
ياد مون کي هڪ نظم ناهي رهيو.

ڪين سر مان ٿو اچي ڳائڪ مزو،
ساز ۾ ساڳيو ردم ناهي رهيو.

هو بہ شايد ڪنهن سمي مليو هجي،
زيب جو پوين جنم ناهي رهيو.

موڪلايو تو جڏهن ڪئين لڙڪ هي ڇلڪن پيا.
دل اڱڻ تي ياد جا پيرا ڏسو جرڪن پيا،

ياد ڪر تون خط پراڻا پيار جا شاهد اٿئي،
لفظ ٿو تنهنجا ڏسان ڪاڳر مٿان مرڪن پيا.

پيار تو سان مون ڪيو هو چنڊ جي چانڊاڻ ۾،
رات جا منظر اکين ۾ ڪي اڃان چمڪن پيا.

بد نظر کان ٿو بچائي پاڻ ۾ اٽڪڻ پرين،
ٿانو پيي گهر جي اندر جو ان ڪري ٺهڪن پيا.

ڇو خوشين ۾ غير ڪي دلبر ٻلا شامل ڪجي،
گڏ ڏسي دشمن اسان ڪي ساڙ مان ڄرڪن پيا.

ڪر قدر اخلاق جو ناياب آ هي ٿي ويو.
سونهن جا عاشق اڃان ڪي راهه ۾ ڀٽڪن پيا.

ڪين سهندو آهي ڪوئي يار ڪي گڏجي گهمن،
سور مون ڪي هي زماني جا اڄ ڪٽڪن پيا.

گهاوءُ گهرو ٿي ويو آ زيب غم ڪاڏي ڪجي،
ساهه سَڀُ بيوس ٻڌي ٻارن جيان سڏڪن پيا.




منهنجو هو اصرار مسلسل،
تنهنجو هو انڪار مسلسل.

دل ڪي ٿورو پرچائي وٺ،
روئي ٿو ڇڻ ٻار مسلسل.

تنهنجا والا لڏندي لڏندي،
ڪن ٿا پڪ اقرار مسلسل.

ياد اٿي تو خط ۾ پيارا،
لکيو هو اظهار مسلسل.

ڪيڏي دشمن ڪوشش ڪن پر،
رهندو سنڌ سان پيار مسلسل.

نيت تہ ٿيندو ميل اسان جو،
ڏسندو پو سنسار مسلسل.

تصوير هٽي تنهنجي پٽ تي،
زيب ڪبو ديدار مسلسل.

●

هي ﺑﻪ رستا ڪذاب رستا ها،
تو سوا چڙ عتاب رستا ها.

هر گهٽي پاڻ کي سجاڳٽي ٿي،
هر گهٽيءَ ۾ عذاب رستا ها.

رات سپنن ۾ ڪو رنو هوندو،
صبح ڪٿ تي ته آب رستا ها.

ڇير شايد ٻَڌي وئي گذري،
ڳوٺ جا سپ رباب رستا ها.

زندگي بي لحاظ آ يارو،
موت جا بي حساب رستا ها.

عاشقيءَ ۾ خطا وئي گم ٿي،
چاهتن جا گلاب رستا ها.

زيب يادن منجهان نتو نڪري،
ڪيترا ئي سراب رستا ها.


books.sindhsalamat.com

ايندي ويندي ٿڪ اڏاري ويندي آهي،
ننڊ ڪچي مان ٿي ته اٿاري ويندي آهي.

دل جي ڪوسي واريءَ تي بوندون برسائي،
مرڪي مرڪي هوءَ نهاري ويندي آهي.

جذبا پوڙها ٿيندا ڪاٿي شاعر جا هن،
سونهن ته ويتر جوش اڀاري ويندي آهي.

ٿڪي ٿڪي وينگس منهنجي نيڻن ۾ جو،
پنهنجا سهڻا خواب سماري ويندي آهي.

ڳوڙها منهنجي ڳل تان هوءَ چولي ساڻ اگهي ،
اٽيا منهنجا وار سنواري ويندي آهي.

گهر جو ڪولي دروازو ٿي ڪنهن کي ساري،
چانئٺ تي ئي ڏيئو ٻاري ويندي آهي.

جذبا پوڙها ٿيندا ڪاٿي شاعر جا هن،
سونهن ته ويتر جوش اڀاري ويندي آهي.

منهنجو سپ ڪجھ زيب ڪٺي هوءَ آهي ويندي
مون وٽ پنهنجو پاڻ وساري ويندي آهي.


sindhsalamat.com

گل ڪٽي روز خواب ۾ ايندين.!!
رات جو چو نقاب ۾ ايندين،؟

ان ڪري بار ها ڏنو تو کي،
لوڪ آڏو نہ تاب ۾ ايندين.

مون لنوايو پئي سوالن ڪان،؟
تون اجايو جواب ۾ ايندين.!!!

لال چهرو ڪيو پرين چا لئہ،
پڪ هئي تون حجاب ۾ ايندين.

زندگي ان خيال ۾ گذري،
تون بہ ڪڏهين شباب ۾ ايندين.

واه عنوان نانءُ آ تنهنجو،
زيب جي ئي ڪتاب ۾ ايندين.

•


books.sindhsalamat.com

شاد اڀري سحر نئين سال ۾،
ڪر خدا هي نظر نئين سال ۾.

ساه جي ڪير ساعتن کي ڳڻي،
ڪيترو آ سفر نئين سال ۾.

خشڪ ٿي لڙڪ هي وڄن او پرين،
درد ڪر مختصر نئين سال ۾.

رات ڪاري مٿان سدا ئين وسن،
ڪي امن جا ڪڪر نئين سال ۾.

تنهنجي رستن تي گل وڇائي رڪان،
سيئي ميڙي پٽر نئين سال ۾.

موٽ ڪائي ورن پکي پيار جا،
چاه مان شام گهر نئين سال ۾.

آ دعا زيب قوم جاڳي پوي،
ٿئي ختم هي ڳهر نئين سال ۾.

•


sindhsalamat.com

ڪوڙ اڏ ۾ ڳالھيون رھجي ويون،
ڪٽ تي تنھنجون واليون رھجي ويون.

پيٽ پرجي ھو ويو تو کي ڏسي،
پُرٿيل سي ٿالھيون رھجي ويون.

رات روئي ڳل اگھي مون ھا ڇڏيا،
صبح اکڙيون آليون رھجي ويون.

زندگي جون سڀ بھارون ويون لنگھي،
ڪجھ مندون متواليون رھجي ويون.

ڪين رت جو ھڪ ڦڙو باقي بچيو،
ڪوڪليون ئي ناليون رھجي ويون.

زيب ڪي ھو پيار تو ايڏو ڏنو،
ھٿ مليندي ساليون رھجي ويون.

•


books.sindhsalamat.com

يار جو پيچو ڪجي،
پيار جو پيچو ڪجي.

ڏور چو رھجي پرين.
سار جو پيچو ڪجي.

راند ڀل ڪوئي ڪٽي،
ھار جو پيچو ڪجي.

ڏک لڳي وڃجي سھي،
وار جو پيچو ڪجي.

باھ ۾ ساڙي حسد،
خار جو پيچو ڪجي.

ڪنھن وڇايون ڇڏ ڪٽي
ڄار جو پيچو ڪجي.

زيب ڪيئن ٿو خوش رھي،
ڀار جو پيچو ڪجي.

•


sindhsalamat.com

ساڪ پت وشواس کي ٽوڙهو وجهان،
رات وِرهَ اُماس کي ٽوڙهو وجهان.

لڙڪ نيڻن مان وهڻ ئي چو ڏجن ،
اڪ اندر الماس کي ٽوڙهو وجهان.

ٽو مروڙي روز هو نازڪ ڪليون،
بي رحم راڪاس کي ٽوڙهو وجهان.

ڪين چاهت جي لذت جنهن مان ملي،
چو نہ اهڙي چاس کي ٽوڙهو وجهان.

غاصبن سنڌ جي لکي تاريخ سچي،
ڪوڙ جي اتهاس کي ٽوڙهو وجهان.

ڪربلا جا ڪيس هن جاري اڃان،
شل يزيدي باس کي ٽوڙهو وجهان.

او فسادي ديس جا هي ڇڏ ٻڌي،
تنهنجي هر بڪواس کي ٽوڙهو وجهان.

شاهہ ڪان وڌ جو سچو آ شاهہ جو،
زيب اهڙي داس کي ٽوڙهو وجهان.


books.sindhsalamat.com

بس قصو آهي رهجي ويو مام ۾،
مون تہ ماڻي خوشي يار الزام ۾.

عشق هاڻي وڌي ٿي ويو آهي ٻڙ،
مون ٿنگي دل رکي آ ڏکهي لام ۾. .

هن ڏنو گهاءُ اهڙو اويسار جو،
ناوُ ڇڻ ٿي ٻڌي تار اوسام ۾.

پيار ڪيڏو ڏنو يار ويساهہ سان.
ٿي بڪايل پکي وچڙيس دام ۾.

عشق سولو نہ آ عشق سادو نہ آ،
پوڳڻي ٿي پوي جان انعام ۾.

هڪ رڳو مون ڦٽائي نہ آ زندگي،
مون ڏٺو ڪين هو بہ آرام ۾.

چاهہ بي چين کي ڪير ٿو سڌ ڪري،
ڪير هي زيب آ جو رليو شام ۾.

•


sindhsalamat.com

غم غصو اختلاف ويڙهي رک،
گندگيءَ جو لحاف ويڙهي رک.

جت هجي چور پاڻ منصف پي،
تون به ڪارو غلاف ويڙهي رک.

قوم هڪ تي اچان ڪتي آهي،
پيشوا هي* ڪثاف ويڙهي رک.

پروسو ڪو متان ڪرين ڪنهن تي،
ڪوڙ ڪان انحراف ويڙهي رک.

درد پاڪر پري اچي ويٺو،
چاهه سان اعتراف ويڙهي رک.

ڪير هي ساز ٿو ٻڌي هاڻي،
راڳ پنهنجو شفاف ويڙهي رک.

روز ٿئي ٿو قتل عدالت جو،
هي سچو انڪشاف ويڙهي رک.

منصفاڻا اصول وڪجي ويا،
زيب دل جو شگاف ويڙهي رک.

*ڪثاف ـ غلاظت، گندگي



حادثا ڪيترا زندگيءَ سان ٿيا،
دور سارا اهي بندگيءَ سان ٿيا.

چاهتون واجبي، محبتون مطلبي،
ڪيس ڪيڏا هتي عاشقيءَ سان ٿيا.

هو اچي پوش ۾، روپ پنهنجو مٽي،
سي ته گمراهه ها سادگيءَ سان ٿيا.

رات پاڇو اڪيلو دڳن ۾ هيو،
ڏوڙ رستا سجا چو مٽيءَ سان ٿيا.

ڪجهه ته مرضي به شامل هئي يار جي،
درد مهمان مون وٽ خوشيءَ سان ٿيا.

ديد تصوير تي جيئن وڃي آ پئي،
نيڻ واقف پرين شاعريءَ سان ٿيا.

زيبُ شايد اجان هُو ستو آ ڪٿي،
خواب اڳ ۾ ڪٿي دلبريءَ سان ٿيا.

•

لوڪ هڪڙي سوال ۾ گم هو،
ڪو نہ تنھنجي خيال ۾ گم هو.؟

رات آغوش ۾ ستي ويڙهي،
صبح هڪ سال، سال ۾ گم هو!!

ڪين درويش کي سڃاڻي ڪو،
هوش شايد جلال ۾ گم هو!!

دوستن جي خبر پئي مون کي،
پنھنجي هر ڪوئي حال ۾ گم هو!!!

شهرتن جي تلاش ۾ ڪوئي،
پاڻ پنھنجي زوال ۾ گم هو...!!

ڪير شهباز لال کي ڀولهي،
جڳ سڄو هت ڌمال ۾ گم هو.

زيب قائل نہ ٿي سگهيو مون کان،
ڪنهن پئي ٿي مثال ۾ گم هو.

•



دوستيءَ جو ٻارجي ديپڪ،
روشنيءَ جو ٻارجي ديپڪ.

چاشني ڪا ياد جي پرجي،
تازگيءَ جو ٻارجي ديپڪ.

ڇيڙ دل جي تار کي ساٿي،
راڳڻيءَ جو ٻارجي ديپڪ.

ڇو رلن ٿا خواب نيڻن ۾،
اک دريءَ جو ٻارجي ديپڪ..

پيارجي ڪا ئي گهٽي ڀولي،
زندگيءَ جو ٻارجي ديپڪ.

گيت وايون ۽ غزل ڳائي،
شاعريءَ جو ٻارجي ديپڪ.

ڇو نہ ادبي لاٽ سان گڏ ڪو،
شاعريءَ جو ٻارجي ديپڪ.

زيب دل جي راهہ تي هيڪر،
دل لڳيءَ جو ٻارجي ديپڪ.

وفا جو لبن تي لکون گيت ڪوئي،
حنا سان هٿن تي لکون گيت ڪوئي.

خطن ۾ نياپا مڪا ها سوين پر،
پکن جي پرن تي لکون گيت ڪوئي.

لکيو مون گھڻو ڪجھ لبن تي ڳلن تي،
گلابي بدن تي لکون گيت ڪوئي.

اها وقت جي سخت آهي ضرورت،
وري اڄ وطن تي لکون گيت ڪوئي.

سڪايو سنڌو جن حرامن اسان جو،
پيلا ڇو ڪٽن تي لکون گيت ڪوئي.

وجي ڇا اسان جو ته ڪشمير سان ڏَسِ،
سنڌ جي پچن تي لکون گيت ڪوئي.



پرين روز ڏيندا رهيا جي اسان کي،
نَوَنِ تن فتن تي لکون گيت ڪوئي.

پرائن خوشين تي نچڻ ڪان ته بهتر،
پنهنجي غمن تي لکون گيت ڪوئي.

اجان وقت آيو نه آهي ملڻ جو،
پيلا ڪيئن وچن تي لکون گيت ڪوئي.

اٿي زيب پارت سدا هن مٽيءَ جي،
مٽي هن چمن تي لکون گيت ڪوئي.

•

گھر گھٽي اداس آھي ڪٿي،
دل چري اداس آھي ڪٿي.

وقت ڪي وڃن لڳي پير پل،
زندگي اداس آھي ڪٿي.

ساھ مان سواد ڪاڏي وڃي،
هر خوشي اداس آھي ڪٿي.

شام ڪي لباس ڳاڙهو هئو،
روشني اداس آھي ڪٿي.

گيت سڀ وڃن رسي پاڻ ڪان،
شاعري اداس آھي ڪٿي.

زيب يار ڪي ٻڌايو ڪٽي،
دلبري اداس آھي ڪٿي.

•



گل رکي ها تو مکا جو ڊائريءَ ۾،
مون ڪئي ٿي آبياري شاعري ۾.

پيار جون چڪيون وئي پوکي اکين ۾،
سا رهي خوشبو سموري زندگي ۾.

قوم ڪي ڪو شل جڳائي مرد مومن،
معجزو ٿو ڪو نہ ڏسجي رهبري ۾.

دل ستمگر آ زمانو ڪين ڪر غم،
پوڻو ٿو هت پوي سڀ دل لڳي ۾.

تو چپن سان جو ڏنو هو جام مونکي،
مان اڃان گم ٿو رهان ان مئڪشي ۾.

هوءَ سراپا آ حيا جو زيب پيڪر،
جا لڪايون منهن وڃي ٿي چادريءَ ۾.

•

دل ٻنيءَ ۾ درد ڳاري مون ڇڏيا.
خواب نيڻن ۾ سماري مون ڇڏيا.

درد سان پنهنجي شناسائي هئي،
لڙڪ پلڪن جي ڪناري مون ڇڏيا.

سونهن جا چرچا هئا هر چوڪ تي،
گل گهٽا رستن تي هاري مون ڇڏيا. .

دل چري کي ڪير سمجهائي نٿو،
ويد جا رستا نهاري مون ڇڏيا.

بي ڪفن احساس جا لاشا ڪٽي،
وقت جا لمحا گذاري مون ڇڏيا.

زيب يادن جا ڪبوتر اڄ وري،
شام ڪان سارا اڏاري مون ڇڏيا.

•



گل کي پاڪر پاتو آهي،
دامن خار ۾ ڦاٽو آهي.

درد ڪٿي ٿو دل مان نڪري،
اهڙو هن سان ناتو آهي.

ڪنهنجي آڏو عرض رکي ٿو؟
ڪيڏو من جو سادو آهي.

تون بہ زمانا شاهد رهجان،
پنهنجو پختو وعدو آهي.

موڳو ٿي ويو لوڪ سمورو،
هن جو پردو لاٿو آهي.

خيالي ويٺو محل اڏائي،
شاعر چڻ ڪو رازو آهي.

ڪيئن ڇڏجي زيبَ وساري،
وقت اڃان هو تازو آهي.

•

محبت ميارون ڪٽي آ پڳي.
سکي ڪوڙ سارون ڪٽي آ پڳي.

لکي لوڪ ڪان پير پيرن ڏئي،
گهٽيءَ جون نهارون ڪٽي آ پڳي.

نظر ۾ رکي هوءَ وفا جو پرم،
سهيڙي بهارون ڪٽي آ پڳي.

شڪايت اندر ۾ لڪائي مگر،
رڳو لڙڪ لارون ڪٽي آ پڳي.

ڳلي ڳوٺ سارو لتاڙي پرين،
سڄا پير فارون ڪٽي آ پڳي.

اڃي چين ڪاٿي پلا زيب ڪي،
گلائون قطارون ڪٽي آ پڳي.

•



دل جو شهر سجائي پهتو،
پنهنجو پاڻ وڃائي پهتو.

ڪنهنجو ڪنهنجو درد لڪائي،
ڪنهن ڪان پاڻ لڪائي پهتو.

تار اکين ۾ سڏڪا ها ڪي،
پيرين پنڌ پڄائي پهتو.

خالي مرڪ اياڻي چپ تي،
رئندو لوڪ کلائي پهتو.

سونهن سموري ساڻيڪي من ۾،
اڪ جا ٽاڪ ورائي پهتو.

ڪاون تان پيي آيو گذري،
رنڊڪ روڪ هٽائي پهتو.

زيب اڏيءَ تي سر هو پنهنجو،
دشمن کي ڇرڪائي پهتو.

•

بي وجهہ چو ختم معاملا ٿو ڪرين،
پاڻ پنهنجا پرين فيصلا ٿو ڪرين.

خواب ۾ مان اڪيلو هيس اي مٺا،
خواب ۾ ڀي سڄڻ فاصلا ٿو ڪرين.

ڪلفتون ڪي اندر ۾ رکي بي سبب،
هرخوشي هاڻ چو ڪوئلا ٿو ڪرين.

زندگيءَ جو سفر ڪيترو آ ڪٺن،
پيار ۾ چو اجان مسئلا ٿو ڪرين.

انت ڪوئي نہ هو درد جو دلربا،
عشق ۾َ هجر جي ڪربلا ٿو ڪرين.

ڪا سچي ڳال هاڻي ٻڌاءِ زيب تون،
دل چري ساڻ چو مشغلا ٿو ڪرين.

•


books.sindhsalamat.com

ڪو وفا ۾ ڪال آيو ڪين ڪي،
خيال ۾ ڀي خيال آيو ڪين ڪي.

زندگي پنهنجي وئي گذري ائين،
چڻ مهينو سال آيو ڪين ڪي.

پروسو ڏس واعدن تي چو ڪجي،
هو ڪري بيحال آيو ڪين ڪي.

ست پٽيتو پيءُ پيو ڪٽ تي هيو،
پٽ پڇڻ احوال آيو ڪين ڪي.

پاڻ ڪان پاچا وڏا ٿيندا ويا،
زيب هو هرحال آيو ڪين ڪي.

•


sindhsalamat.com

جو قصو اعزاز ۾ آهي ٿيو،
جڻ تماشو راز ۾ آهي ٿيو.

تو نہ ڇاتو لفظ گونگا ها ڪٿي،
مسئلو آواز ۾ آهي ٿيو،

خواب منهنجا ڪين تو تائين پڳا،
رنج بس پرواز ۾ آهي ٿيو.

ڪجهہ نہ رهجي آ ويو شايد فتور،
پيار دل ناساز ۾ آهي ٿيو.

راضپي سان زندگيءَ ۾ جو ملي،
ڪٿ مزو ايلاز ۾ آهي ٿيو.

بي سبب بدنام هي جو زيب آ،
عشق تنهنجي ناز ۾ آهي ٿيو.

•



عشق ڪرڻ ڪو سولو ناهي،
هو ٿو ماس هڏن جو لاهي..!!

تاھ نڳي جا ويتو ناهي،
ڪيڏو اونهو ماٺون آهي.

درد سٺا سون درشن ڪارڻ،
منهنجو پنڌُ اجايو ناهي.

پاڻ اڪيلو ويٺو سوچي،
ڇا ٿو ناهي ڇا ٿو ڏاهي.

نيٺ نہ توکي وڻيو ماڻي،
مان ويٺو هان لاهي پاهي.

تنهنجي هڪ تصوير ڪيڏان مان،
هيڪر منهنجو من ٿو چاهي.

هر هڪ تنهنجو راز اکين تي
ڪير اوهان سان سينو ساهي.

خوابن ۾ ئي يار اچي ڏس،
زيب ستارا ايندو لاهي.

تعمير تي نظر آ،
تقرير تي نظر آ.

دشمن رکي اسان جي،
تحرير تي نظر آ.

دلگير دل نہ ٿي تون،
مهمير تي نظر آ.

شل سونُ ٿي پوان مان،
اڪسير تي نظر آ.

هو خواب ۾ اچي ٿو،
تعبير تي نظر آ.

تنهنجو نذير ناهي،
تصوير تي نظر آ.

پنهنجو وطن پري ٿو،
ڪشمير تي نظر آ،

هن زيب عاشقي جي،
توقير تي نظر آ.



عشق جو احسان جيڪر ٿي پوي،
هو وري مهمان جيڪر ٿي پوي.

تون گهرين ٿو ڇا زخم دل جا ڏسڻ،!!
جسم تي نيشان جيڪر ٿي پوي.؟

ديس جو هر هڪ ٻچو شل پئي اٿي،
غير لئہ طوفان جيڪر ٿي پوي.

گهٽ جنت کان ناهي هيءَ ڌرتي پرين،
آدمي انسان جيڪر ٿي پوي.

چپ اچي بس تون رکين هن دل مٿان،
درد جو درمان جيڪر ٿي پوي.

جهٽ ختم ٿي ملڪ مان غربت وڃي،
هڪ سچو عمران جيڪر ٿي پوي.

حق ملن حقدار کي پنهنجا اگر.
پاڪ پاڪستان جيڪر ٿي پوي.

•

ٿڪ ڪل ڪيڪار ئي ساڙي ڇڏيئون،
لال لب رخسار ئي ساڙي ڇڏيئون.

ٿي محبت آ مهانگي شهر ۾،
ان ڪري بازار ئي ساڙي ڇڏيئون.

جنهن پچن لئه سال سارو گڏ ڪئي،
ان اڳيان سا ٻار ئي ساڙي ڇڏيئون.

ڏند سارا وقت ٽوڙي ويو سندس،
پو تڏهن سينگار ئي ساڙي ڇڏيئون.

هڪ ئي پٽ ويو دشمنيءَ جي ور چڙهي،
ماءُ جو سنسار ئي ساڙي ڇڏيئون.

ڪيس ڇئجو پاڻ کي قابو رکي،
زيب تنهنجو پيار ئي ساڙي ڇڏيئون.

•


books.sindhsalamat.com

اوهان جي شهر پيو اچبو سدائين،
زماني کان نڪي ڊڄبو سدائين.

ڇڱو هاڻي ڪيون ٿا موڪلاڻي،
رهي جي زندگي ملبو سدائين.

هوا جو رخ نه ٿو موڙي سگهان مان،
مگر حالات کي مٿبو سدائين.

ٻرن سان ڇو رکي ياري ڀلا ڪو،
نه اهڙو واسطو رکبو سدائين.

محبت مفت ۾ حاصل نه ٿيندي،
هتي آ ولولو ڪٽبو سدائين.

پکي سپ پيار جا ويندا اڏامي،
وڻن کي جي اگر وڍبو سدائين.

ڪبو افسوس کهڙو بي وفا جو،
نه اهڙو زيب ڏک سهبو سدائين.

•


sindhsalamat.com

سنڌوءَ جي محبت جو الزام آهي،
ڪيڏو خوبصورت هي انعام آهي.

مجان ٿو تہ آهي اهو ڏوھ منهنجو،
ڪيو مون وطن ساڻ انجام آهي.

مرڻ لئہ هميشہ رکن ٿا تياري،
ڪٿي ڪين جوڌن کي آرام آهي.

ڪچو لاڙ ڪاڇو اتر ڪوھ سارو،
سڄي سنڌ منهنجي تہ گلفام آهي.

ٻڄي ويا ڪميڻا ٻڌي جو ٻُڌي هو،
سندن گھر ۾ اڄ پيي تہ ڪھرام آهي.

اهي سامراجي ڪميڻا ڪتان جا،
وڏي انگ هتڙي ٿيو جام آهي.

وڃي ٿو وطن هي فلسطين ٿيندو
اڃا قوم پنهنجي کي آرام آهي.

حقيقت اها مون ڪئي جڳ اڳيان آ،
تڏهن زيب هر هنڌ تي بدنام آهي.



دل تي ضابطو آهي،
گڏ هو دوستو آهي.

ويڙهي چڻ گلابن کي،
پر ۾ ڪو ستو آهي.

هو مون سان رسڻ تنهنجو،
ماضي جو قصو آهي.

واهل جو وهي نڪتو،
ڳل تائين پڳو آهي.

چو مدهوش ٿا سمجهو،
خوشبو جو نشو آهي.

اهڙو زندگي ۾ پل،
ايندو اوچتو آهي.

پانهن جو هجي پاڪر،
هڪڙو واسطو آهي.

ڪشتي زيب ڪاغذ جي،
هڪ هي رابطو آهي.

تنهنجي چاهت پاٽيءَ وانگي،
فرضي جڙ تہ کهاٽيءَ وانگي.

رشتو توسان پو بہ نڀايو،
ساجن ريت پراٽيءَ وانگي.

دل جو ڪمرو تو بن آهي،
خالي مرڪ اياٽي وانگي.

ياڳ اچي شل واپس موٽي،
موسم سرد پچاٽيءَ وانگي.

رات رني ڪا ارمانن تي،
منجهر جي تہ مهاٽيءَ وانگي.

زيب ڏنو اعزاز اصل ڪان،
تو ڪي من جي راٽيءَ وانگي.

•


books.sindhsalamat.com

فطرت مري وئي آ، انسان آ ڏچي ۾،
حالات ڪي ڏسان ٿو، پڳوان آ ڏچي ۾.

حق سچ چوڻ بہ ڏوهي، غربت گناهہ آهي،
احساس آ ڪٽي هت، ايمان آ ڏچي ۾.

ڪاوا اپا رکي ڪو، بازار ۾ ويو هو،
خطرو نظر اچي ٿو، طوفان آ ڏچي ۾.

مان درد ڪي لڪائي، ڪاٽي رکان پڌايو،
ظاهر ڪجي مگر هي، ارمان آ ڏچي ۾.

خواهش رهي سدائين، توڙي ڪلي ڏسڻ جي،
مشڪل وئي وڌائي، امڪان آ ڏچي ۾.

مالهي ويو ڪپائي، سڀ پور باغ جو هو،
ڪوڪين گل بچو آ، گلدان آ ڏچي ۾.

رهزن پيا گهمڻ ٿا، ڏس ديس ۾ هزارين،
ٿو ميزبان سوچي، حيران آ ڏچي ۾.

هڪ بار يار جو مان، چهرو پڙهان ڪتابي،
پر زيب ڪي وڏو هن، شيطان آ ڏچي ۾.

•


sindhsalamat.com

چاندني پونءِ تي ٿي چٽي آ وئي،
سانوري مسڪرائي لڪي آ وئي.

روبرو تون هجين چاھ تنھنجو هجي،
ڇوڪري جو دلاسو ڏئي آ وئي.

روز جھيڙوڪيو هو اسان پاڻ ۾،
پوپري اڄ اچانڪ ٺمي آ وئي.

ڏک تہ هومامرو پو مگر چا ڪجي،
هن غمي ۾ ڏئي ڪا خوشي آ وئي.

صبح ڪان مست مان مور ڪي هو ڏٺو،
ڊيل ڪائي صحن تي نچي آ وئي.

پيار جي هن ڪري آ چڙي انتها،
اڄ وري لوڪ آڏو چمي آ وئي.

زيب دل ڪي بہ طاقت وڏي آ ملي،
ڏک تہ جيون سڄي جا ڪٽي آ وئي.

•



اوچتو ائين ٿي وئي هوءَ اوپري،
حادثي ۾ جيئن ويو ڪو ئي مري.

خوب گھر ۾ ڇھچٽو هو جو متل،
ڪين منھنجو ڪو ذڪر نڪتو وري.

تنھنجي در جو ٿي مجاور شل رهان،
مان بنا پئسي ڏيان پو نوڪري.

پاڻ تي ڪاوڙ ڪيان ٿو روز مان،
هو بہ آخر ڇو نہ ٿي ٿئي اڳيري.

حال منھنجو ڏس زماني ڪان پڇي،
بي پيلا ڪھڙي ڪرايان خاطري.

چاندني ۾ جيئن ڏٺو چھرو صنم،
حور جَنَت جي لڳي ٿي ڪا پري.

ڇو رکين ٿي تون شڪايت زيب ڪان،
روز تو وٽ آ پري هن حاضري.

•

هوءِ ملي زندگي تي وئي،
راهه ۾ روشني تي وئي.

خاڪ اڏندي پري ڪان سجاڳي وتي،
روح سان جيئن ملي تازگي تي وئي.

هوءِ لڪي لوڪ ڪان رات آئي جڏهن،
چير چمڪي وري ڪلهلي تي وئي.

رات ڪڪرن منجهان چنڊ پاتو ليئو،
گهر گهٽي چاندني چاندني تي وئي.

هن هوا جي هٿن ۾ ڏئي آ مڪي،
مهڪ جيئن آ پڳي شاعري تي وئي.

زيب رڪجي نٿو ياد جو سلسلو،
در بدر چو پيلا عاشقي تي وئي.

•


books.sindhsalamat.com

ڏسندي ڏسندي سڪ متجي ويندا آهن،
تصويرن جا رخ متجي ويندا آهن،

گڏ ڪائيندڙ ڏوڪو ڏيندا هن اڪثر،
ماڻهن جا ڪيئن مڪ متجي ويندا آهن.

وڇڙي ويندڙ لمحا دل تي هن تازا،
يار ڏسي سڀ ڏک متجي ويندا آهن.

ساٿ ڏئي تو مون کي آ ويساهه ڏنو،
ڏارين جا بس جَڪَ متجي ويندا آهن.

ڏوڪڙ هوندو آهي جڏهين ڪيسي ۾،
منٽن ۾ ئي لڪ متجي ويندا آهن.

سنڌو ۾ مون پيڙي لاٿي ڪاغذ جي،
ڏوهارن ڪان ڪڪ متجي ويندا آهن.

اونداهي ۾ زيب هلون ٿا جنهن پاسي،
چاندوڪي جا پڪ متجي ويندا آهن.

•

جک .....ڍاڙ، لباڙ
ڪک .....جهڳا جهوپڙا.
پک .......معيني جا ٻه پک (اونداهو ء سمائو)


sindhsalamat.com

جنون ڪونهي ڪو، غرور ڪونهي ڪو،
سڪون ڪو دل کي سرور ڪونهي ڪو،

اصول ماڻهن مان، ويو هليو ڪاڏي،
سڄاڻ ناهي ڪا، شعور ڪونهي ڪو.

جمال تنهنجو بي مثال آ اهڙو،
ڪٿي پڌائڻ جو، ضرور ڪونهي ڪو.

اداس دل هڪڙي، ٻه ٿڪ هن مون وٽ،
پيو ته ڪو تحفو، حضور ڪونهي ڪو.

اثر چميءَ جو ئي، اڃان هلي پيو هي،
ڪڏهن چکيو ڪوئي، انگور ڪونهي ڪو.

سوال ڪهڙا هن، حساب هي چا جا،
ته پيار ۾ رکيو، وڇور ڪونهي ڪو.

اڇڻ ٻه چاهين جي، غريب خاني تي،
ته زيب جو هي گهر، ٻه ڏور ڪونهي ڪو.

•


books.sindhsalamat.com

دل جي آڳر مٿان نمي آهي،
رات وسندي رهي غمي آهي.

جي ٿيو هو گناهه آدم کان،
چو ذميوار آدمي آهي.

پاڻ ڏي چنڊ ٿو سڏي مون کي،
چاندني رات طلسمي آهي.

هو ته پاڻهن ۾ ٿو اڇڻ چاهي،
پيار ويساهه جي ڪمي آهي.

ڏار ٿيندي رنو ته هوندو هو،
هت ٻه ماحول ماتمي آهي.

ساهه منهنجو ٻه آهي تو جهڙو،
دل جو تڙپڻ ٻه لازمي آهي.

تنهنجي خاطر مدار مان هڪڙي،
زيب رهجي وئي چمي آهي.

•


sindhsalamat.com

وک ڪٽي پوئتي هٽائي آ.
تنهنجي ڪاوڙ رڳو اجائي آ.

ساٿ پنهنجو پرين ڦٽائڻ لئه،
هيءَ هوا دشمنن هلائي آ.

خاص انسان جي ڪجي سيوا،
ڳالهه قرآن هي پڌائي آ.

سوچ احساس جي رکي دل ۾،
لوڪ سان مون ڪئي پلائي آ.

سڀ شهر مان اهو پڌي آيس،
ڳاله تو هي مگر لڪائي آ.

يار ڪجهه هوش سان قدم کڻجي،
هي جواني ته ڏوڙ ڇائي آ.

زيب ثابت قدم هيو تو سان،
هيءَ محبت اجان اها ئي آ.

•


books.sindhsalamat.com

هو ٻه هن کيل ۾ ته شامل هو،
جنهن جي دل ۾ پيو سمايل هو.

رات ڪکرن ڇتيون هنيون آهن،
هر هنڌان آسمان ڦاٽل هو.

مان رهان ٿو پيار کان واقف،
درد منهنجو ٻه آزمايل هو.

مون ڇيو انتظار ٿو ماري،
هو ڇوي ٿو ته وقت حائل هو.

هٿ ڇڏائي وئين لڳو مون کي،
ڇڻ پري ڪيترو ته ساحل هو.

عشق مدهوش ٿو وجي ٿيندو،
چو اڃان ايترو اجايل هو.

در ڇڏي چو وڃي پلا ڪاڏي،
زيب تو وٽ جو يار ڦاٽل هو.

•


sindhsalamat.com

ڪين ڪنهن جو مثال ڏيندي ڪر،
ڪجهه هيڏي پيي خيال ڏيندي ڪر.

پاس هي امتحان ڪرڻو آ،
سخت تون پل سوال ڏيندي ڪر.

ڏينهن مان هيڪلو ڪٽي ويندس،
رات بخشي جمال ڏيندي ڪر.

لڙڪ هٿ سان نٽي اگهين جي تون،
ڳل اگهڻ لئه رومال ڏيندي ڪر.

خاص مون کي پسند هي آهن،
ان چپن جو گُلالُ ڏيندي ڪر.

ڪر وچن يار زندگيءَ خاطر،
پيار هر پل نهال ڏيندي ڪر.

زيب الڪو متان رهي دل ۾،
پاڻ پنهنجو حوال ڏيندي ڪر.

•



خيال دل نشين هو شباب چا ڪمال هو،
نقاب ۾ به مون ڏٺو حسين بي مثال هو.

نگاه جو نگاه سان ملڻ به معجزو هيو،
پري رهي ڏٺو اچان ، به رابطو بحال هو.

پيار سان نهارجي رهي مگر هوش سان،
ڪلال ۾ خمار هو، خمار ۾ ڪلال هو.

نه ياد ڪو دليل هو نه چاڻ ڪا پروڙ آ،
دماغ ۾ ڦري پيو ته ڪالهه ڪان سوال هو.

زمين تي بسر ڪجي، سڪون ساڻ زندگي،
يقين سان چوان اهو، پلا ڪٽي محال هو.

اداس زندگي ڏئي، فريب دوستيءَ ڪيو،
خوشي به بي مزا ملي، وچي بچو ملال هو.

هي بي بقا جهان آ، ڪجي به اعتبار چو،
اچي پڳو قريب زيب وقت جو زوال هو.

•

صبح جي ئي ابتدا تو سان ڪجي،
اک ملائي ارتقا تو سان ڪجي.

عشق جو آغاز تنهنجي نانءُ سان،
پيار جي بس انتها تو سان ڪجي.

ڏسِ پلا تالو چپن تي چو هجي،
گفتگو ڪا خوامخواه تو سان ڪجي.

عام سان هي تذڪرو بس عام هو،
راز دل جو دلربا تو سان ڪجي.

سادگي سان زندگي گهر گهارجي،
عيش عشرت جابجا توسان ڪجي.

لوڪ سان چو ڳالھ تنهنجي مان ڪيان
چو نہ تنهنجي ئي ڳلا تو سان ڪجي،

ڪو قصو مشهور ٿي جيڪر وڃان،
پاڻ کي ڪجھ لاپتا تو سان ڪجي.

زيب پنهنجو درد چو سانيڍي رکان،
سورُ سارو برملا تو سان ڪجي،



اڇي زندگيءَ تي اکيون تو رکيون،
اسان جي خوشيءَ تي اکيون تو رکيون.

ڏنئي ڪين جيڪي اندر درد ها،
نڪي دل ڏکيءَ تي اکيون تو رکيون.

هيو غور محبوب جي رخ مٿان،
رڳو هڪ چميءَ تي اکيون تو رکيون.

نہ ڪو پهر واندو نڪي هوش هو،
نہ ڪهڙي گهڙيءَ تي اکيون تو رکيون.

ڏسين ها اگر هي ڪندا راھ جا،
گلن ٽوڪريءَ تي اکيون تو رکيون.

نظر چو نہ آئي پلا دشمني،
وڃي دوستيءَ تي اکيون تو رکيون.

سڄي زندگي آ مليو ڇا هتي،
هيون سادگيءَ تي اکيون تو رکيون.

نہ هي زيب رستا نظر ٿا اچن،
سڄي روشنيءَ تي اکيون تو رکيون.

يار مون کان پري هيئن چاتي نہ ڪر
پيار ۾ تون بہ ويساھ گھاتي نہ ڪر.

دشمنن جي وڏي هيءَ ڏسان چال ٿو،
ڪا بہ پلجي ڪڏهن ڳاله ذاتي نہ ڪر.

هي حقارت متان دل کي چيري رکي،
تيز نفرت جي ايڏي بہ ڪاتي نہ ڪر.

عشق ۾ هوش رهندو ڪٿي آ مگر،
ڪم اهو تون ڪڏهن حادثاتي نہ ڪر.

بس خوشي کي رهڻ ڏي سدا دل اندر،
درد کي تون مٺي گهر جو پاتي نہ ڪر،

وقت آهي اجان، سوچ تون سنڌ جو،
غير جي ڪاڻ دلڙي تہ آتي نہ ڪر.

زيب دل جو سچو، ٿو هميشہ وٺي،
صاف تون ڏي چئي ڳالھ پاتي نہ ڪر.

•



وائڙيءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواھ
دل ڏيريءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواه.

چنڊ ويجهو ڪري پاڻ کي روز ٿو،
روشنيءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواه.

آئيني ۾ ڪري ٿي اچي اولڙو،
پر پڙيءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواه.

حسن ٿو عاشقن کي سڏيندو وتي،
عاشقيءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواه.

ڪو امانت ڏئي دل ويو شوق سان،
دلبريءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواه.

زلف چوڙي سڳيءَ مان چڏيا ريشمي،
چو ڦٽيءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواھ

هوءَ چپن سان اجهائڻ گهري ٿي پياس،
تشنگيءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواه.

هر غميءَ گهر ڪيو زيب دل ۾ اچي،
تو خوشيءَ فاصلا ٿي ڪيا خوامخواه.

پاڻ کي بيدار ڪرڻو ٿو پوي،
وقت جو ويچار ڪرڻو ٿو پوي.

شوق ھر مسمار ڪرڻو ٿو پوي،
پاڻ کي سنگسار ڪرڻو ٿو پوي.

تون ڪرين دل ۾ متان منھنجاپرين،
ڪجھ لکي اظھار ڪرڻو ٿو پوي.

ڪا گھڙي اھڙي بہ ايندي آ متان،
دشمنن کي يار ڪرڻو ٿو پوي.

پيٽ پالڻ ايترو مشڪل ٿيو،
عشق کان انڪار ڪرڻو ٿو پوي.

سونھن تي پھرو لڳو دلبر تڏھن،
دور کان ديدار ڪرڻو ٿو پوي.

ھن محبت جي لڳل بازار ۾،
محض ڪاروبار ڪرڻو ٿو پوي.

زيب ھوءَ چاھي نہ ٿي پر پوءِ پيي،
نينھن کي نروار ڪرڻو ٿو پوي.



زندگي جي ڏکي ھيءَ حقيقت ھئي،
وقت جي ھر گھڙي جڻ قيامت ھئي.

ھٿ ڇڏائي وئين بس اھو ياد آ،
ياد تنھنجي مگر ھڪ غنيمت ھئي.

حسرتن جي ضرورت رھي بي سبب،
سڀ اجائي اھا ڪا حماقت ھئي.

شام کان رات تي ڏينھن ٿيندو وري،
ھي سرشتو بہ خود ئي شھادت ھئي،

چند لمحن ۾ گزري حياتي وئي،
جڻ صدين جي اوھان سان رفاقت ھئي.

چند گھڙيون بہ ڪيڏو اثر ٿيون رکن،
ھر مھل ئي ملڻ جي تہ حسرت ھئي.

ھجر ۾ زيب مون آ سزا جيئڻ ڪٿي،
ڪين اھڙي اڳي منھنجي حالت ھئي.

•

مسين مسين ملي اجان تہ زندگي ڪٿي پئي.
ڏسي وري ڪِلي اجان تہ زندگي ڪٿي پئي.

نہ چاھ ھو نہ پيار ھو نہ ديد جو ھيو صلو.
نہ مون بہ دل پلي اجان تہ زندگي ڪٿي پئي.

نہ چنڊ آ ڪني ڪيري، ڪَتي نہ ننڊ مان اٿي،
نہ ھيءَ اک ڪُلي اجان تہ زندگي ڪٿي پئي.

رکو رکو جواب ھو سوال تي سوال ھو،
مڙي ڪري ھلي اجان تہ زندگي ڪٿي پئي.

مزاج عشق ۾ بہ شوق سان پڏي وجان مگر،
لھر نہ ڪا چلي اجان تہ زندگي ڪٿي پئي.

پري پري گھٽو پري، مفاصلو ويو ڪري،
جتي ڏني ڳلي اجان تہ زندگي ڪٿي پئي.

ھوا بہ زيب جو خوشي منجھان ڇھڻ لڳي بدن،
بھار تي گھلي اجان تہ زندگي ڪٿي پئي.

●


books.sindhsalamat.com

اک ڪٽي آسمان ڏي ڏسجي،
حال ڏسجي زمان ڏي ڏسجي،

پاڻ پنھنجي اٿي ھمت ڪر تون،
ڇو وڏيري يا خان ڏي ڏسجي،

ھن زخم جو فڪر نہ ڪر سھڻا،
ڪنھن لڳايو ڪمان ڏي ڏسجي،

ڳالھ دل جي يقين جي آھي ،
ڪين ڪنھن بدگمان ڏي ڏسجي،

پيل ڪري واعدو نہ پورو پر،
بس پرين جي زبان ڏي ڏسجي.

عشق ۾ زندگي پئي گذري.
زيب جذبي جوان ڏي ڏسجي.

●


sindhsalamat.com

هي زمانو ڪمال تي پهتو،
ماڻهپو پر زوال تي پهتو.

خيال ماضيءَ منجهان پيو گذري،
سو اڃان ڪين حال تي پهتو.

ڪا سڃاڻپ رهي نه آ ڪنهن ۾،
رشتو هر هڪ وصال تي پهتو.

واڪ آهي لڳو محبت جو،
عشق ڪيڏي محال تي پهتو.

بحث سارو هيو پڇاڻي تي،
ضد وڃي هڪ سوال تي پهتو.

يار ڪنهنجي نظر وئي ڪائي،
پيار پنهنجو ملال تي پهتو.

هر طرف زيب هي پڌو چرچو.
تنهنجو جوڀن جمال تي پهتو.

•



نه ڪي پاڻ طالب نه مطلوب آهيون،
اسان ڪين ڪنهنجا ئي محبوب آهيون،

رکون ٿا محبت ته انسان سان بس،
اسان راز ڪوئي نه محجوب آهيون.

وطن لاءِ حاضر اسان جو لهو آ،
ڪڏهن دشمنن کان نه مغلوب آهيون.

شجاعت رهي آهي تاريخ پنهنجي،
ڪتابن ۾ پڙهيا هي مڪتوب آهيون.

نه مايوس رهجو وفا ڪان ڪڏهن پيي،
اسان عشق جي نانءُ منسوب آهيون.

سچا هون سپاهي سدا سنڌ تنهنجا،
تڏهن يار سڀ ڪي ته مرغوب آهيون،

جڏهن هو ڏنو جن ٻه مرڪي اسان ڏي،
منو زيب تن لاءِ مشروب آهيون.

•

هٿن ۾ آس جو ڪشڪول آهي،
محبت هيءَ مگر بي مول آهي.

رڪان ٿو چاهه تنهنجو يار دل ۾
اهو احساس پيو انمول آهي.

هميشه لوڪ جي آهيان نظر ۾،
زماني ۾ ڪيڏو ڇئو ٻول آهي

ڏيو تحفا وڏي چاهت سدائين
سياڻن جو سچو هي قول آهي

جنت ٿو مان ڏسان ان جاءِ تي بس،
جتي هي پيار جو ماحول آهي،

اچي اتفاق سان پهتس گهتي ۾،
چوين ٿو زيب ڏاڍو رول آهي.

•


books.sindhsalamat.com

گهور هڪ ساڻ گهائجي وياسين،
تو نهاريو اگهائجي وياسين.

ياد تنهنجي ڪٽي خوشي آئي،
عشق تنهنجي ۾ ڳائجي وياسين.

وقت تي ساٿ هو ڏنو غيرن،
دوستن ۾ ورهائجي وياسين.

ڪين تنهنجي فريب کي سمجهو،
آسرن ۾ رهائجي وياسين.

ڪو قدر ڪين جو ڏنو تو وٽ،
ملهه سستي کپائجي وياسين.

ڏس خزان جي ڇڻي پنن وانگي،
فرش تي جو وڇائجي وياسين.

ڇو وساري ڇڏيو خدا جو گهر،؟
ڪن خفن ۾ وڇائجي وياسين.

زيب هن پيو ڇڏيون اکيون پوتي،
پنهنجي گهر مان لڏائجي وياسين.


sindhsalamat.com

تو سوا هر اداس منظر هو،
چڻ تہ ڪارو لباس منظر هو.

ياد ماضي قصو ويو رهجي،
ڪين سو آس پاس منظر هو،

عيد گزري خيال جي ابتڙ،
ڏينهن سارو نراس منظر هو.

زندگي خوف مان نہ ٿي نڪري،
جنهن ڏٺو بي قياس منظر هو.

لڙڪ اک مان پيا ٿمن اڪثر،
ڏک وڌايو هِراس منظر هو.

من جي ماحول ۾ هيو ماتم،
۽ اڳيان بد حواس منظر هو.

تنهنجي تصوير روشني ڏيمي،
زيب خالي گلاس منظر هو.


books.sindhsalamat.com

زندگي هڪڙي طرف ويڙهي رکي،
عاشقي هڪڙي طرف ويڙهي رکي.

گفتگو شائستگي سان هن ڪري،
دشمني هڪڙي طرف ويڙهي رکي.

عڪس پنهنجو پاڻ ۾ ٿو مان ڏسان،
درسني هڪڙي طرف ويڙهي رکي.

چنڊ ڪڪرن ۾ لڪي وهنجڻ لڳو،
روشني هڪڙي طرف ويڙهي رکي.

درد پنهنجا سڀ لڪي مون ڪي ڏنا،
۽ خوشي هڪڙي طرف ويڙهي رکي.

مڙس ماڻهون ٿي ڏٻو منهن ڏاڍ ڪي،
بي بسي هڪڙي طرف ويڙهي رکي.

خوب هو انصاف هن جو زيب سان،
شاهدي هڪڙي طرف ويڙهي رکي.


sindhsalamat.com

بي قراري ٿو ڏسان سنسار جي،
ڪنهن ڪئي پئي ڳالهه منهنجي يار جي،

ڪڪر دل ۾ ياد جا پرجن پيا،
اڪ تياري ٿي ڪئي وسڪار جي.

نا خدا جي آسري آهي ڇڏي،
سير ۾ مون ناءُ پنهنجي پيار جي.

هن ڏنو اهڙي تہ هو انداز سان،
جو ضرورت ڪين ٿي انڪار جي،

مون لڪائي راز هو مرڪي ڏنو،
هئي خبر هن کي سڄي اسرار جي.

چيچڪا پوکي رکيا هن پيار جا،
ديد تن تي آ رهي اغيار جي،

سار تنهنجي دل منجهان نڪري نہ ٿي،
زيب عادت آ ڪٿي ويسار جي.

•


books.sindhsalamat.com

زندگي احساس تي وکري وئي،
بي خودي تن ماس تي وکري وئي.

فرض سجدا خاڪ تي ٿيندا ادا،
بندگي الماس تي وکري وئي.

ڪو صلو ناهي ڪجي کهڙي ڳلا،
سادگي هر آس تي وکري وئي،

جيئن قدم هوءَ باغ ۾ آئي ڪٽي،
شاعري بنواس تي وکري وئي،

چنڊ نڪتو مس اجان پاڪر منجهان،
چاندني آڪاس تي وکري وئي.

موت جي هي اهميت انسان ڏس،
هر غمي ميراث تي وکري وئي،

واعدن تي پروسو ڪرڻو پيو،
دوستي وسواس تي وکري وئي.

زيب هڪڙي جا هئي حسرت بچي،
آخري قرطاس تي وکري وئي.


sindhsalamat.com

سوچ منهنجي پٺيءَ تي بغاوت ڪري،
ڪينئن زنده رهان مان عداوت ڪري.

تنهنجي گهر جو ڪري ٿا اچن هو طواف
پير ٽڪجن ڪٿي ٿا عبادت ڪري.

خوب رسوا ڪيو هو زماني وري،
پاڻ ويندو مري بس ملامت ڪري،

ڪين چپ ڪولجن مَانُ رکجي پرين،
چو ڏنو مان ٿيان ڪا شڪايت ڪري.

ڪين لکجي سگهي آ ڪٿا پيار جي،
نت نئين روز هو ٿو شرارت ڪري،

باوضو ٿي پري يار جي حاضري،
نانءُ پيو ٿو ڪٽان مان طهارت ڪري.

زيب تعويز وانگي ڳچي ۾ پئي،
هر وچن کي رکيو آ امانت ڪري.

•


books.sindhsalamat.com

چاهه جو چولو ويو ٿي چاڪ هو،
تو چيو هو پيار پنهنجو پاڪ هو.

زندگيءَ ڪيڏا ڏنا ها ڏوجهرا،
حوصلو پو پيو رهيو بي باڪ هو.

هيءَ شفا آهي ملي بيمار کي،
هٿ رکي دل تي ڪيو تو چاڪ هو.

ٿو تڏهن هر هر ڦري تو ڏي اچان،
هڪُ نظر تنهنجو ته آيو ٿاڪ هو.

ديد ويٺي رات جو ڏرٽو هٽي،
مون چڙيو ڪولي اکين جو تاڪ هو.

ڳالهه ڪائي ڪين آئي سمجهه ۾،
سڀ ڪسي مون ڪان ويو اِدراڪُ هو.

گڏ سکين سان هن اچي در مان ڏنو،
گهورڙي ويٺي ڏنو جو واڪ هو.

هڪ نڪاٽو زيب جو آهي ڪٿي،
سڀ چون ٿا هو وڏو رولاڪ هو.


sindhsalamat.com

جو اڳي لاشعور ۾ آهي،
سچ تہ سوئي شعور ۾ آهي.

بي سبب خاڪ هو ٿيو ناهي،
ڪو تہ جلوو بہ نور ۾ آهي.

عشق منهنجو عروج تي پهتو،
هت حسن پيي غرور ۾ آهي.

مون تہ ورتو سڪون ڪي ڳولي،
شهر چو هي فتور ۾ آهي.

بي وجهہ ڪين هو ويو موسي،
ڪجهہ تہ هن ڪوه طور ۾ آهي.

تو ڏنو بي نقاب ٿي مون ڏي،
رات ساري سرور ۾ آهي.

سڀ خطائون معاف ڪر يا رب،
زيب حاظر حضور ۾ آهي.

•



دل جا درد پڏائي جذبا ٿڪجي پيا ،
تنهنجو پنڌ پڇائي رستا ٿڪجي پيا.

ضبط اکين تي آ رڪٽو پوندو آخر،
ڳل تان پاڻ وهائي ڳوڙها ٿڪجي پيا،

غيرن ۾ بہ اميدون رکيون ناهن پر،
رت جا ساٿ نڀائي رشتا ٿڪجي پيا،

دولت شهرت ماٽي ڪڏهين ناهي جن،
آخر پاڻ لٽائي چمچا ٿڪجي پيا،

پڇندا آهن پوئين پيرين سورج ڪان،
اپ ڏي ڊوڙون پائي پاچا ٿڪجي پيا.

خوشبو آئي خوب بدن مان محنت جي،
پر مزدور سڪائي ڪپڙا ٿڪجي پيا،

زيب وڃن ٿا دريا ڪي هو پار ڪري،
سڀ احساس پڇائي پيڙا ٿڪجي پيا.

•

ڪوڙ جو ڪو لباس ئي ناهي،
سچ ٿيندو اداس ئي ناهي،

وار شايد رکيا اٿئي ويڙهي،
اڄ هوا ۾ نہ واس ئي ناهي،

ڏوڙ شهرن منجهان پئي اڏري،
ڳوٺ جي رُتِ بہ خاص ئي ناهي،

ڇرڪ هو اوچتو ويو نڪري،
ننڊ ڇو آس پاس ئي ناهي،

ڪنهن ڪيو بد گمان هو توکي،
منهنجي هٿ ۾ گلاس ئي ناهي،

تو ڏٺو يار هو مڙئي هر هر،
زيب کي بس حواس ئي ناهي،

•



اجرا اجرا خواب ڏسان ٿو،
ڪوڙا سڀ اسباب ڏسان ٿو.

تو کان وڇڙي مرٽو آ ڇا،
نخرا جو ناياب ڏسان ٿو،

تنهنجي ليکي زنده آهيان،
ڪيڏا روز عذاب ڏسان ٿو،

ڪين شڪايت لب تي آئي،
توٽين تن جا تاب ڏسان ٿو،

پوک پڇي ارمانن جي آ،
خوشين جا هت لاب ڏسان ٿو،

هر هڪ جي آ قيمت هوندي،
وڪجن ٿا ارباب ڏسان ٿو،

دردن واري دنيا ۾ مان،
زيب رڳو دولاب ڏسان ٿو.

•

رلندو سوال رهندو، تنهنجي جواب تائين،
ويندي ڄمار گذري، شايد شباب تائين.

هن پيار کي ڪٿي هوءَ، آهي سگهي وساري،
جنهنجي هئي اکين ۾، چاهت نقاب تائين.

حيلا ڪري ڏناسون، هربار دل لڳي ۾،
ڪنهنجي پڳي نہ آڱر، دل جي رباب تائين.

ڪيڏو طويل رستو، آهي اڃان سفر جو،
صحرا جو پنڌ آ ڇڻ، مک ماهتاب تائين.

غافل ڪري وئي آ، مون کي تہ بس خدا کان،
دل کي رهي شڪايت، محشر حساب تائين.

پاڇو اڳيان هيو ڪو، پويان هلان پيو مان،
هڪڙو رڳو هو چهرو، اک جي سراب تائين.

من جي سڪون لئہ بس، آهي تلاش جنهن جي،
پهتو نہ زيب آهي، اهڙي شراب تائين.

•


books.sindhsalamat.com

ريتون رسمون رشتا يار نشاني تي،
منهنجا سارا تحفا يار نشاني تي.

قسمت جڏهين ساٿ نہ ڏيندي آهي پو،
پنهنجي جهولي ڪشتا يار نشاني تي،

چوري ايندو آهيان مان تہ اوهان ڏي پر،
توڏي ايندڙ رستا يار نشاني تي.

دل جو ڪعبو ويندو هُو مسمار ڪري،
منهنجي تسبيح سجدا يار نشاني تي.

تصويرون مون بہ لڳايون ديوارن تي،
گهر جا ڀاتي سڀ ها يار نشاني تي.

هڪڙو گل مان توکي ڏيندس روزانو،
رهندا هن گلدستا يار نشاني تي.

زيب رکي هي ويٺا آهن اکيون سڀ،
منڇر ڪينجهر قصبا يار نشاني تي.

•


sindhsalamat.com

## شاعر جو پهريون ڪتاب






## شاعر جو ٻيو ڪتاب



# شاعر جو پروفائيل

اورنگزيب ولد قادر ڏنو خان ڪنگو ادبي نالو زيب ڪنگو، ڳوٺ ڪنگا ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 1960 - 03 - 01 تي جنم ورتو. پرائمري تعليم، 1970ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ ڪنگا، هائير سيڪنڊري تعليم، ميٽرڪ 1976ع گورنمينٽ پائلٽ هائير اينڊ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻو، 1979ع ۾ BA سچل سرمست اورينٽل ڪاليج لاڙڪاڻو، ۽ 1982ع ۾ MA سنڌي ادب ۾، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان حاصل ڪئي. سنڌس همعصر شاعر ايوب کوسو، شمير سومرو. شاعريءَ ۾ استاد، اشرف زمان پير چنڊامي. شروع ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکيائين. جيڪي گل ڦل رسالي ۾ ڇپيون. ان کان علاوه سنڌ جي ڪافي رسالن ۾ شاعري شايع ٿيندي رهي اٿس. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ احساس جون ڪتڪتايون 2003ع) شاعري (خواب رقص ۾ 2020ع) شاعري ۽ (ديد جو درشن2023ع) شاعري جو هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ ٻن ڪتابن جو مواد اڻ ڇپيل آهي. ان کان علاوه گڏيل شاعري جي ڪتابن سونهن جا همسفر، شاعري ڳالهائي ٿي، وايون مهڪيون وات تي، ڏيل ڏنگي ٿي ڏات، جهونڪا پورب واءُ، موتين مالها شاعري، زنگجي ويل خواب، اکين جي اڪيلائي ۾ پڻ شاعري شامل اٿس. نوڪري جي شروعات اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ جيل 1984ع، آخري پوسٽنگ سينيئر سپرنٽينڊنٽ جيل لانڍي ڪراچي مان 2020ع ۾ رٽائرمينٽ وٺڻ بعد، هاڻي اسلام آباد ۾ رهائش پذير آهي.





شاعري اَندَر جي اُهاءَ ۽ اُڃَ جو اُهو اَحساس آهي جيڪو عُمر سَڃي لِڪندي به شاعر کي وڏيڪ پياسو بڻائي ٿي، شاعري وِشال آڪاسَ تي جُهومندڙ ۽ چَمڪندڙ سِتارن جي رَقص جو ٻيو نالو آهي شاعري خُوديءَ کان بيخوديءَ جي سَفر جو حَسِين خوابُ آهي بلڪل اهڙي ئي مَنزِلت جي مَتاهينِ طَبقي جو يگانو ۽ اسان جي ساٿ جو ساٿي زيب ڪنگو پڻ آهي ، سندس شاعري محبُوبَ جَي حُسناڪين ، اَدائُن ۽ نازنَخرن جو خوبصورت رُوپ جيان آهي زيب ڪنگو جي شاعري سان عِشقُ ڏسي مَحسُوس ٿيندو آهي ته ڪيس شاعري ئي جيئَڻ جو سَهارو آهي، شاعريءَ کي ڇُمي اکين ۽ دل رکندڙ شاعرَ زيب ڪنگو جي شاعريءَ ۾ پريتِ ۽ پيارَ جو پيغامُ جو ملي ٿو ، دعا آهي مولا ڪيس اجان وڏيڪ لکڻ جي وُسعت عطا ڪري.

**ديدار معصوم**

## زيب ڪنگو: تمام بهترين شاعر آهن

هنن جا ٻه ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.
1 احساس جون ڪتڪتايون 2 خواب رقص ۾ آهن
هو وڏيون ڳالهيون سولي سنڌي ۾ لکن ٿا.
خيال ماضيءَ منجهان پيو گذري
سو اڄان ڪين حال تي پهتو آ
اها ڳالھ تمام ڳنڀير آهي اسان سنڌين جو هسٽري
جاگرافي سونهري ڪلچر ٻه شاندار رهي آهي پر
حال اونداهو آهي ان ڪي شاعر دل سان ڪونہ ٿو
قبول ڪري سگهي.
زيب ڪنگو جي گهڻو ڪري رومانوي شاعر آهن هو
رومانٽڪ شاعري ڪندڙن مان آهن
خاص انسان جي ڪجي سيوا
ڳالھ قران هي ٻڌائي آ
هتي هڪ الڳ رخ شاعر جو نظر اچي رهيو آهي جا
تمام وڏي ڳالھ آهي انسان کي مڃيندڙ انسانيت
کي مڃيندڙ ڪجھ الڳ پاڻکن کي ٻڌائي رهيو
آهي
شاعر زيب ڪنگو فطرت جو شاعر آهي هن کي
فطرت پياري آهي
پاڻ ڏي چنڊ تو سڏي مونکي
چانڊني رات طلسمي آهي
واھ گهڻڪنڊو شاعر زيب ڪنگو هر دفعي هر غزل
۾ منفرد خيال رکن ٿا.
مرڪ ۾ خنجر هٿا معلوم هو
تو مڪا مون لاءِ گلدستا ڪري
زبردست خيال جي پختگي، مونکي شاعر صاحب
جي شاعري پڪي پختي پياري لڳي
منهنجيون شڀ ڪامنائون هميشہ گڏ آهن اميد تہ
هي ڪتاب پاڻکن کي بيحد پسند ايندو مهرباني
زيب صاحب توهان ڪتاب جي بيڪ ڪور لاءِ ٻہ
اکر لکڻ لاءِ زور ڀريو مون لکيا مهرباني

**اندرا پوناوالا شبنم**

7اگست 2023

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com